Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد :12	سومر 27 نومبر 2023 ع بمطابق 12 جمادي الاول 1445ھ	شمارو:47	قيمت 10 روپيا

تقريب دوران پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي بہ موجود، جي ايم پي ٽي وي لاهور سينٽر، قاري سيد صداقت علي سميت ملازم ۽ ٻيا بہ ان موقعي تي موجود هئا

ميڊيا ۾ نواڻ لاءِ نئين ٽيڪنالوجي اختيار ڪرڻي پوندي: مرتضيٰ سولنگي

پي ٽي وي قومي وحدت جي علامت ۽ اسان سڀني جي ثقافتي ۽ سماجي سڃاڻ جو مظهر آهي، پاڪستان ٽيليويزن جي بهترين نشريات جو 59هون سال سفر قومي تشخص ۽ روشن روايت جو امين آهي

پي ٽي وي جي سالگره جي حوالي سان منعقد ڪيل هن تقريب ۾ اچڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهہ آهي، مون کي خوشي آهي جو پاڪستان ٽيليويزن اڄ پنهنجي 59هين سالگره ملهائي رهيو آهي

منهنجي لاءِ اها ڳالهہ بہ تمام خوشي واري آهي جو اڄ اسان لاهور ۾ اتي ويٺا آهيون جتي 59 سال اڳ ويجهي عمارت ۾ هڪ ٽينٽ ۾ منهنجي استاد اسلم مرزا صاحب پي ٽي وي جي ٽرانسميشن شروع ڪرائي

مون کي يقين آهي تہ هو پي ٽي وي جي هن شاندار سفر تي مرڪندي هوندو، حڪومت ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ سڌارا ڪري رهي آهي اسان پهريان ريڊيو پاڪستان ۾ سڌارا ڪيا آهن

اسان پهريان ريڊيو پاڪستان ۾ سڌارا ڪيا آهن هاڻي پوري انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ سڌارا ڪرڻ وارا آهيون تہ جيئن انهن شعبن جي ڪارڪردگي کي اڃا وڌيڪ وڌائي سگهجي

لاهور (م ر) نگران سڌسماءِ واري وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي تہ پاڪستان ٽيليويزن پاڪستان جو هاڪاري اميج سڄي دنيا ۾ اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ميڊيا ۾ نواڻ لاءِ نئين ٽيڪنالوجي اختيار ڪرڻي پوندي هن اهڙن خيالن جو اظهار آچر ڏينهن پاڪستان ٽيليويزن لاهور سينٽر جي دوري ۽ پي ٽي وي جي 59هين سالگره جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي بہ ان سان گڏ هو جڏهن تہ جي ايم پي ٽي وي لاهور سينٽر، قاري سيد صداقت علي سميت ملازم ۽ ٻيا بہ ان موقعي تي موجود هئا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي تقريب کي خطاب ڪندي

پهرين ڊسمبر کان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٽ جو امڪان

اسلام آباد (م ر) ملڪ ۾ پهرين ڊسمبر کان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٽ جو امڪان آهي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ وڌيڪ لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي، روسي تيل جي في بيرل قيمت 60 ڊالرن کان بہ هيٺ اچي وئي آهي. يورپي يونين طرفان روسي تيل جي 60 ڊالر في بيرل جي حد مقرر ڪئي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ألهنديِ هوائن جي سسٽم جو سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي پٽي تي اثر برقرار، ڪراچي ۾ تيز برسات جو امڪان ظاهر

سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪٿي تيز تہ ڪٿي هلڪي برسات، وڄ ڪرڻ جي واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت

چاچرو جي ڳوٺ واٺوڙي دورا ۾ وڄ ڪِرڻ سبب سليمان نهڙي ۽ سندس پٽ رمضان فوت ٿي ويا، 10 ورهين جي ڪلثوم زخمي ٿي پيا

چاڇري جي ڳوٺ مانڀائي جو تڙ ۾ وڄ ڪِرڻ سبب ٻني ۾ ڪم ڪندڙ عورت تلسي زال سروڻ، همٿو ۽ ڪيسو زال سترام زخمي ٿي پيا

ننگرپارڪر جي ڳوٺ ويرا واهہ ۾ وڄ ڪرڻ سبب 30 رڍون، ٻڪريون ۽ چاچرو جي ڳوٺ ريشم جو تڙ ۾ وڄ ڪرڻ سبب 7 ٻڪريون مري ويون

ڪراچي سميت مختلف علائقن ۾ وسڪاري کان پوءِ سڀ وڏي ويو، مليرِ، گلشن اقبال، صدر، ڪلفٽن، ڊفينس، محمود آباد، نارٿ ناظر آباد، فيڊرل بي ايريا ۽ ٻين علائقن ۾ برسات جو پاڻي بيٺل، بجلي جي اڪ ٻوٽ جاري

ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٺي، ٺٽو، بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ سانگهڙ ۾ برسات بعد بجلي جو نظام ڊانوانڊول، سجاول، جاتي، ڪيٽي بندر، ساڪرو ۽ گهارو مختلف علائقن ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ ٿڌ وڌي وئي

ڪراچي (رپورٽر/ نمائندن وٽان) ٿر سميت سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪٿي تيز تہ ڪٿي هلڪي برسات جاري، وڄ ڪِرڻ جي واقعن ۾ پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا فوت ٿي پيا 4 زخمي ٿي پيا چاچرو جي ڳوٺ واٺوڙي دورا ۾ وڄ ڪِرڻ سبب سليمان نهڙي ۽ سندس پٽ رمضان فوت ٿي ويا، 10 ورهين جي ڪلثوم زخمي ٿي پيا عمرڪوٽ جي مجنو جي ڍاڻي ۾ وڄ ڪِرڻ سبب 80 ورهين جي صفوران سميجو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شاهہ خاور پي سي بي جو چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر

شاهہ خاور کي 10 لک رپيا مهيني وار پگهار تي ٽن مهينن لاءِ پي سي بي جو چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو

شاهہ خاور کي 4 فيبروري 2024 کان اڳ پي سي بي جي اليڪشن ڪرائڻ جي ذميواري ڏني وئي

شاهہ خاور کي ريجنز ۽ پي سي بي جي چيئرمين جي اليڪشن ڪرائڻ جي ذميواري ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي اٽارني جنرل ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل شاهہ خاور ايڊووڪيٽ کي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جو چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو وزارت بين الصوبائي رابطا پاران جاري ڪيل پڌرائي مطابق شاهہ خاور کي 10 لک رپيا مهيني وار پگهار تي ٽن مهينن لاءِ پي سي بي جو چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو آهي شاهہ خاور کي 4 فيبروري 2024 کان اڳ پي سي بي جي اليڪشن ڪرائڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي شاهہ خاور کي ريجنز ۽ پي سي بي جي چيئرمين جي اليڪشن ڪرائڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي خيال رهي تہ هن وقت پاڪستان ڪرڪيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي پاڪستان ٽيلي وزن جي 59هين سالگره تقريب کي خطاب ڪندي

جماعت اسلامي پاران سکر کان چونڊ مُهم شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪنونشن کي مرڪزي امير سراج الحق، نائب امير لياقت بلوچ، اسدالله ڀٽو، ڊاڪٽر معراج الهدىٰ صديقي ۽ ٻيا خطاب ڪندا

انتخابي ڪميٽين سان صلاح مشوري بعد اُميدوارن جي فائنل لسٽ تيار ڪري ورتي

ضلعي امير ۽ ناظم اجتماع مولانا حزب الله جکرو سان گڏجي انتخابي ڪنونشن سينٽر جو دورو ڪري انتظامن کي آخري شڪل ڏني

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ پاران اڱارو 28 نومبر تي سراج الحق جي صدارت هيٺ انتخابي ڪنونشن ذريعي سنڌ ۾ چونڊ مُهم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، صوبائي ترجمان مجاهد چنا جي پڌرائي موجب اڱاري تي صبح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پنجاب جي 10 ضلعن ۾ سمارٽ لاڪ ڊائون لاڳو

لاهور، فيصل آباد، گوجرانوالا، ملتان، ساهيوال ۽ سرگوڌا ڊويزنن ۾ لاڪ ڊائون هوندو، انهن شهرن ۾ آمد و رفت محدود هوندي

ميڊيڪل اسٽور، پيٽرول پمپ، بيڪري، گراسري اسٽور، يوٽيلٽي اسٽور، ڪال سينٽر ۽ آئي ٽي سينٽرز تي پابندي لاڳو نہ ٿيندي

لاهور (م ر) پنجاب جي 10 اسموگ متاثر ضلعن ۾ اڄ سمارٽ لاڪ ڊائون لاڳو ڪيو ويو لاهور، فيصل آباد، گوجرانوالا، ملتان، ساهيوال ۽ سرگوڌا ڊويزن ۾ لاڪ ڊائون هوندو، انهن شهرن ۾ آمد و رفت محدود هوندي، مارڪيٽون شام 4 وڳي کان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

عمران خان جي عدالت ۾ پيشي لاءِ اڄ سيڪيورٽي پلان کي آخري شڪل ڏني ويندي، ٻڌٽي سيائي ٿيندي

خاص عدالت پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان ۽ وائس چيئرمين شاهہ محمود قريشي کي 28 نومبر لاءِ گهرائڻ جا سمن جاري ڪيا هئا

پوليس جي اسپيشل برانچ ۽ لاڳاپيل ٻين ڪاتن ڳجها اطلاع گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جيڪي سندن حفاظتي رٿابندي ۾ مدد ڪندا

عمران خان کي جديشل ڪمپليڪس تائين آڻڻ لاءِ 3 رستا آهن هڪ پشاور روڊ، ٻيو اسلام آباد ايڪسپريس وي ۽ ٽيون رستو مري روڊ آهي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان کي خاص عدالت ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ اڱاري تي جديشل ڪمپليڪس آندو ويندو ان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: پاڪستان علماء ڪونسل جو چيئرمين حافظ محمد طاهر محمود اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

حيدرآباد ۾ مهانگائي وڌڻ سبب خشڪ ميوي جا اگهہ وڌي ويا

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ مهانگائي وڌڻ سبب خشڪ ميوي جا اگهہ وڌي ويا آهن سياري جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

حماس 13 اسرائيلي 7 پرڏيهين کي آزاد ڪرڻ تي راضي

20 يرغمالين جي آزاديءَ جي بدلي ۾ اسرائيلي حراست مان 39 فلسطيني قيدين کي بہ آزاد ڪيو ويندو

قطر ۽ مصر ٻنهي ڌرين سان رابطن ذريعي قيدين جي آزادي ۾ حائل رڪاوٽون دور ڪيون ويون آهن: قطر

حماس بہ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي آهي تہ رڪاوٽون هٽايون ويون آهن

غزه (م ر) رڪاوٽون ختم ٿي ويون، حماس 13 اسرائيلي ۽ 7 پرڏيهين کي آزاد ڪرڻ تي اتفاق ڪيل معاهدي تحت حماس پاران 20 يرغمالين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڊي جي خان: جماعتي اسلامي جو امير سراج الحق جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميهڙ: پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مبينا مقابلو، 10 لک انعام رکيل ڌوهاري مارجي ويو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان راڌڻ ٿاڻي جي حد ٺٽون ڳوٺ روڊ تي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مبينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خيرپور پرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي، 4 مسافر فوت، ڪيترائي زخمي

ڪرم آباد اسٽاپ وٽ اوورٽيڪ ڪرڻ دوران ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي

حادثي ۾ محمد عمر، محمد فيضان، ۽ راڻي سميت چار ڄڻا اجل جو شڪار بڻجي ويا

زخمين ۾ غلام سڪينہ، تنوير بيبي، شهناز، شازيہ، نعيم، وسيم، عادل پٽ يوسف، مهرين ۽ ٻيا شامل

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي، چار مسافر فوت ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا ڪرم آباد اسٽاپ وٽ اوورٽيڪ ڪرڻ دوران ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي، 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، ڪيترائي زخمي ٿي پيا حادثي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسرائيل غزه ۾ 20 سالن کان جاري افغان جنگ کان وڌيڪ شهري ماريا

اسرائيل عراق جنگ جي پهرين سال جي مقابلي ۾ 7 هفتن جي هوائي حملن ۾ بہ ٻيڻا وڌيڪ شهري ماريا

غزه ۾ 48 ڏينهن ۾ شهري مارجي ويا يوڪرين جي جنگ جي 2 سالن کان بہ وڌيڪ آهن: آمريڪي اخبار

واشنگٽن (م ر) آمريڪي اخبار نيويارڪ ٽائمز موجب اسرائيل غزه ۾ تازي جنگ ۾ شهرين جو تيز ترين قتل عام ڪيو نيويارڪ ٽائمز جي رپورٽ موجب 48 ڏينهن ۾ اسرائيلي فوج هٿان شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ افغانستان ۾ آمريڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ابوظهبي: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ قانون واري وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس اهلڪار جو ڳلو ڪپيل لاش هٿ

مليرِ سٽي پرسان پوليس اهلڪار خالد نسيم جو ڳلو ڪپيل لاش مليو

لاش جي موجودگي جو اطلاع مددگار ون فائيو تي مليو هو: پوليس

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي علائقي مليرِ سٽي پرسان هڪ پوليس ڪانسٽيبل جو ڳلو ڪپيل لاش مليو، پوليس اختيارين قتل جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، ڪراچي ۾ مليرِ سٽي پرسان پوليس اهلڪار خالد نسيم جو ڳلو ڪپيل لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسحاق ڊار سينيٽ ۾ قائد ايوان نامزد، پ پ جو اعتراض

قائد ايوان اسحاق ڊار بدران ڪنهن ٻئي کي ٽيڪ گهرجي: ذريعا

پ پ سينيٽر سليم مانڊوي والا کي سينيٽ ۾ حڪومتي چيف وهپ مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سينيٽر اسحاق ڊار کي سينيٽ ۾ قائد ايوان نامزد ڪري ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي تہ پ پ اسحاق ڊار جي سينيٽ ۾ قائد ايوان طور نامزدگي تي اعتراض ڪيو آهي، ذريعن موجب پ پ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

زرعي ترقياتي بينڪ پاران روزگار ڏيڻ جو اعلان

زرعي ترقياتي بينڪ پنهنجي 500 برانچز لاءِ 300 آفيسر ڀرتي ڪندو

زرعي گريجوئيٽس ڪانسواءِ مختلف شعبن ۾ ماسٽر ڊگري رکندڙ نوجوانن کي ڀرتي ڪيو ويندو

ڪراچي (م ر) زرعي ترقياتي بينڪ پنهنجي 500 برانچز لاءِ زرعي ترقياتي بينڪ پڙهيل لکيل نوجوانن لاءِ روزگار ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪاڏي پيتي جو ڪاروبار سان لاڳاپيل 10 لک ماڻهن کي خون جو ٽيسٽ ڪرائڻ جي ضرورت آهي: آغا فخر

ان مقصد لاءِ سنڌ فوڊ اٿارٽي، ڪي ايم سي جي سهڪار سان مرڪزي بلڊ ٽيسٽنگ ليب ٺاهيندي

مجوزہ ليب سنڌ صوبي جي فوڊ هينڊلرز لاءِ رعايتي فيس سان خون جي جانچ جي سهولت فراهم ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪاڏي پيتي جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن جي خون جي ٽيسٽن لاءِ سنڌ فوڊ اٿارٽي سينٽرل بلڊ ٽيسٽنگ ليب جو ڪم شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نگران وزيراعظم ٽن ڏينهن جي دوري تي گڏيل عرب امارات روانو

انوارالحق ڪاڪڙ گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد سان ملاقات ڪندو

ڪيترن ئي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ڪيون وينديون

اسلام آباد (م ر) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ٽن ڏينهن جي دوري تي گڏيل عرب امارات روانو ٿي ويو آهي، پرڏيهي آفيس جي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: شاپنگ سينٽر ۾ لڳل باهہ جو ڪيس داخل

ڪيس ۾ مال جي انتظاميا، بلڊر، نقشو منظور ڪندڙ آفيسر ۽ فائربرگيڊ سان گڏ ڪي اليڪٽرڪ کي بہ نامزد ڪيو ويو

عمارت جو نقشو غير قانوني طريقي سان منظور ڪيو ويو: ايف آءِ آر جو متن

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي شاپنگ مال ۾ 11 قيمتي حياتيون زيان ڪندڙ باهہ واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو ڪراچي جي علائقي راشد منهاس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان کان پوءِ ايران ۾ بہ افغاني پناهگيرن خلاف ڪارروايون شروع

پاسپورٽ ۽ ويزا هجڻ باوجود افغانين ايران مان ڪڍيو ويو

پاڪستان مان بي دخل ڪيل افغانين جو انگ 2 لک کان ٽپي ويو

تهران (م ر) پاڪستان ڪانپوءِ ايران بہ افغان پناهگيرن لاءِ سخت قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا، افغان ميڊيا موجب ايران مان بي دخل ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: مجلس وحدت المسلمين طرفان اسرائيلي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مهانگائي جي ماريل عوام لاءِ خوشخبري، ڪنڊ سستي ٿي وئي

غلہ منڊي ۾ 100 ڪلو ڪنڊ جي قيمت 600 رپيا گهٽجي وئي

100 ڪلو ٻوري 12 هزار 800 رپين مان گهٽجي 12 هزار 200 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي

لاهور (م ر) مهانگائي جي ماريل عوام لاءِ سٺي خبر سامهون اچي وئي، هول سيل مارڪيٽ ۾ ڪنڊ سستي ٿي وئي آهي، غلہ منڊي ۾ 100 ڪلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي تاريخي ماڳ ڀنڀور مان نوادرات هٿ

نوادرات کي تحقيق لاءِ آرڪيالوجي ڊپارٽمينٽ حوالي ڪيو ويو

کوٽائي دوران انساني هڏا، ٺڪر جا ٿانو هاٿي جا ڏند مليا: کوٽائي ڪندڙ ماهر

ڪراچي (م ر) سنڌ جي تاريخي ماڳ جي کوٽائي دوران هاٿي جا ڏند، ٺڪر جا ٿانو ۽ ٻيون نوادرات هٿ آيون آهن جن کي تحقيق لاءِ آرڪيالوجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مخالف تنقيد ڪندا رهن، اسان ڪم تي يقين رکندا آهيون: مرتضيٰ وهاب

زپ لائين کي عوام لاءِ کوليو ويو آهي، ڪراچي جي هي پهرين فلائي زپ لائين آهي ان کان اڳ ڊائنو سفاري پارڪ بنائي چڪا آهيون

شهرين کي تفريحي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهيون، ڪراچي جي 7 ضلعن ۾ هڪ جهڙا ترقياتي ڪم جاري آهن

سڀ چاهين ٿا تہ ڪراچي جون رونقون بحال ٿين، شهر ۾ بدمعاشي ۽ تنقيد جي سياست کي ختم ڪيو ويندو، ڪراچي وارن کي نظر اچي ويو آهي تہ مسئلو اختيارن جو نہ پر نيت جو هو

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب زپ لائين جي افتتاح جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ تنقيد ڪندڙ ڀلي تنقيدون ڪندا رهن اسان ڪم تي يقين رکندا آهيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

5 هزارن جي نوٽ جي بندش: ناڻي واري نگران وزير واضح اعلان ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ر) اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر ۽ ناڻي بابت نگران وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

خيرپور پرسان روڊ حادثو، ٻن نينگرن سميت 3 ڄڻا فوت، 33 مسافر زخمي

قومي شاهراهہ تي بہ مسافر ڪوچ ٻي ڪوچ کي اوورٽيڪ ڪرڻ دوران ڪلٽي ٿي پئي

واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ويجهو ڪرم آباد اسٽاپ وٽ بہ ڪوچون ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 2 نينگر ۽ هڪ عورت فوت ٿي ويا جڏهن تہ عورتن سميت 33 مسافر زخمي ٿي پيا. قومي شاهراهہ تي بہ مسافر ڪوچ ٻي ڪوچ کي اوورٽيڪ ڪرڻ دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ جي وڏي وزير گورک هل پراجيڪٽ ۾ بي ضابطگين جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

جسٽس (ر) مقبول باقر پاران گورک هل جي فنڊن ۽ اثاثن جي استعمال جي حوالي سان ڪاوڙ جو اظهار

پراجيڪٽ جي گاڏين، ريسارٽ ۽ پيٽرول جي استعمال ۾ وڏيون بي ضابطگيون سامهون اچي رهيون آهن: نگران وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر گورک هل پراجيڪٽ ۾ بي ضابطگين جو نوٽيس وٺي ڇڏيو ترجمان موجب وڏي وزير گورک هل جي فنڊن ۽ اثاثن جي استعمال جي حوالي سان ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ايف آءِ اي انسپيڪٽر بڻجي ڀتا وصول ڪندڙ سپاهي گرفتار

هيڊ ڪانسٽيبل انعام الله پاڻ کي ايف آءِ اي جو انسپيڪٽر ظاهر ڪري ڀتا خوري جي دعويٰ ڪندو هو

ابدار ڪيترن ئي ٽريول ايجنسين کي ڌمڪيون ڏئي ڀتا وصول ڪندا هئا

جوابدار پيٽرول ۽ ڊيزل ايجنسين کان بہ ڀتا خوري جي نالي تي وڏي رقم وصول ڪندا هئا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) ڊيرا اسماعيل خان ۾ ڪارروائي ڪندي ڀتا خوري ۾ ملوث هيڊ ڪانسٽيبل کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي موجب هيڊ ڪانسٽيبل انعام الله پاڻ کي ايف آءِ اي جو انسپيڪٽر ظاهر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بلوچستان ۾ هاءِ رسڪ ضلعن ۾ پوليو خلاف خصوصي مهم جاري

بلوچستان جي حساس ضلعن ڪوئيٽا، پشين ۽ قلعہ عبدالله ۾ اڄ مهم جو ٽيون ڏينهن آهي

مهم ۾ 25 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو

ڪوئٽه (م ر) بلوچستان جي 3 پوليو هاءِ رسڪ ضلعن ۾ پوليو خلاف خصوصي مهم جاري آهي، بلوچستان جي حساس ضلعن ڪوئيٽا، پشين ۽ قلعہ عبدالله ۾ اڄ مهم جو ٽيون ڏينهن آهي، مهم ۾ 25 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آئي جي باغي اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو انٽرا پارٽي اليڪشن مهم هلائڻ جو اعلان

ڪارڪن انٽرا پارٽي اليڪشن کي يقيني بنائڻ لاءِ متحرڪ ٿين ڪارڪن کي پارٽي کي تباهي کان بچائڻ لاءِ اڳيان اچڻو پوندو: اڪبر ايس بابر

23 نومبر تي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي انٽرا پارٽي چونڊن بابت محفوظ فيصلو ٻڌايو هو ۽ عام چونڊن ۾ بيٽ جو چونڊ نشان برقرار رکيو هو

20 ڏينهن اندر ٻيهر اليڪشن ڪرائي وڃي ۽ اليڪشن کان پوءِ 7 ڏينهن ۾ رپورٽ جمع ڪرائي وڃي: اليڪشن ڪميشن جي آفيسر صائم جنجوعا

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آئي جو باغي اڳواڻ اڪبر ايس بابر انٽرا پارٽي اليڪشن لاءِ سرگرم ٿي ويو آهي ۽ ملڪ گير مهم هلائڻ جو اعلان ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

حيدرآباد: پيپلز هاري ڪميٽي آبادگارن ۽ هارين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مرتضيٰ وهاب باهہ جي ڪيس ۾ فائر برگيڊ کي نامزد ڪرڻ تي ڪاوڙجي پيو

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب راشد منهاس روڊ تي مال ۾ باهہ جي ڪيس ۾ فائر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

قمر جاويد باجوا ۽ فيض حميد خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست هاءِ ڪورٽ جي ڪاز لسٽ مان رد

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهري عاطف علي جي اڳوڻي آرمي چيف ۽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست 28 نومبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي هئي

درخواست جي ٻڌڻي کي ڪينسل ڪري لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ويب سائيٽ

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڳوڻي آرمي چيف رٽائرڊ جنرل قمر جاويد باجوا ۽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد خلاف داخل ڪيس جي درخواست ڪاز لسٽ مان رد ڪري ڇڏي. گذريل ڏينهن اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

استحڪام پاڪستان پارٽي بہ "نئون پاڪستان" ٺاهڻ جو واعدو ڪري ڇڏيو

مان نئون پاڪستان ٺاهڻ لاءِ هڪ سياستدان جو ساٿ ڏنو، منهنجو واسطو سياسي خاندان سان ناهي: جهانگير ترين

اسان ملڪ کي ٺيڪ ڪنداسين ۽ عوام جي تڪليف ختم ڪنداسين

هر گهر ۾ معياري تعليم هجڻ گهرجي، انشاءَالله نئون پاڪستان ٺاهينداسين: ڪامونڪي ۾ جلسي سان خطاب

ڪامونڪي: استحڪام پاڪستان پارٽي سربراهہ جهانگير ترين جلسي سان خطاب ڪندي

ڪامونڪي (م ر) استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهہ جهانگير ترين بہ نئين پاڪستان جو نعرو هڻندي چيو آهي تہ جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو، هاڻ اڳتي وڌڻ جو وقت آهي. ڪامونڪي ۾ جلسي سان خطاب ڪندي جهانگير ترين چيو تہ مان نئون پاڪستان ٺاهڻ لاءِ هڪ سياستدان جو ساٿ ڏنو، منهنجو واسطو سياسي خاندان سان ناهي، سياست ۾ اچڻ جو قدم سوچي سمجهي کنيو هن چيو تہ اسان ملڪ کي ٺيڪ ڪنداسين ۽ عوام جي تڪليف ختم ڪنداسين، هر گهر ۾ معياري تعليم هجڻ گهرجي. انشاءَالله نئون پاڪستان ٺاهينداسين. سندس چوڻ هو تہ اسان محنت ۽ ايمانداري سان هتي پهتا آهيون. پنهنجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نوشهروفيروز ۾ 39 وارن اميدوارن جو حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف احتجاج

حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

پي ايس ٽي،جي ايس ٽي جي رڪيل پراسيس کي بحال ڪيو، سنڌ 33 تي پاس ڪرڻ جا نعرا هنيا ويا

اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري بند پيل هزارين اسڪول کولي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن:مظاهرين

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) آئي بي اي 2021 جي 33 کان 39 وارن اميدوارن جو سنڌ حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف مورو پريس ڪلب ايان احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ۾ هڪ سنڌ هڪ پاليسي ٻٽي پاليسي نامنظور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممن
پاران بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ روزگار
اسڪيم جو آغاز

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممن پاران بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ روزگار اسڪيم جو آغاز ڪندي نوجوانن کي رڪشا ڏيڻ سان گڏ هڪ نوجوان کي ڪيبن ڪولي ڏني وئي ان موقعي تي يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممن تعلقه پريا جي جنرل سيڪريٽري منير احمد ميمڻ ٻڌايو ته هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سي اي او واٽر ڪارپوريشن ۽ سي او او واٽر پاران فرزند علي لاکو جي لاڏاڻي تي تعزيت

ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر لياري ٽائون واٽر ڪارپوريشن فرزند علي لاکو جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

واٽر ڪارپوريشن جا سمورا آفيسر ۽ ملازم مرحوم جي سموري ڪٽنب سان برابر جا شريڪ آهن: صلاح الدين احمد

ڪراچي(رپورٽر)سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان پاران پنهنجي جاري ڪيل تعزيتي پيغام ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر لياري ٽائون واٽر ڪارپوريشن فرزند علي لاکو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وڇوڙي کي سوڳوار خاندان لاءِ ناقابل تلافي صدمو ۽ وڏو نقصان قرار ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گهوڙاباري پيرپٽو ور شهر مڪلي، درگاهه سخي ڏاتار سميت ضلعي ۾ برسات جو وسڪارو

وڏن شهرن ٺٽي گوٺن ۾ سياري جي پهرين برسات ٿڌ ۾ اضافو ڪري ڇڏيو، پاڻي روڊن تي بيٺل

شاهي بازار سان گڏ پراڻي مڇي ۽ مارڪيٽ، سونارا بازار سميت گلين ۾ پاڻي بيهڻ ڪري پريشانيون

موسميات کاتي پاران ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي پڻ ڪئي وئي آهي:ذريعن جي دعويٰ

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ـ مڪلي ـ گجو گهارو ـ ڌابيجي ـ درگاهه ستيون سميت ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ٺٽي گوٺن ۾ گذريل رات دير پونڊڙ سياري جي پهرين برسات سبب ٿڌ ۾ اضافو ٿي ويو آهي. برسات شروع ٿيندي ئي بجلي غائب ٿي وئي، گجگوڙ سان تيز وسندڙ برسات ٺٽي وچ جي چمڪاٽ ٺٽي گوڙ جي ڏماڪن عوام ۾ خوف طاري ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: برسات بعد انتظاميا جي نااهلي سبب مختلف علائقن ۾ پاڻي بيٺل آهي

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر
کي وڇڙي 105 ڏينهن ٿي ويا،
علامتي بک هڙتال

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ صحافي جان محمد مهر کي وڇڙي 105 ڏينهن ٿي ويا پر پوليس ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي، صحافين جي جدوجهد جاري، هر صورت ۾ قاتل گرفتار ڪيا وڃن جو مطالبو ڪيو ويو آهي سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي شهيد جان محمد مهر جي اصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪڍڻ ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ چيٽ جي فصلن جي پوکي شروع ٿيندي ياڻ اٿليو

واپارين بليڪ مارڪيٽنگ شروع ٿي وئي واپارين ياڻ جا اگهه من پسند ريٽ مقرر ڪري ڇڏيو

پرپاسي واري علائقن جن ۾ ولهاري سيارسي ستياري صوفي جو ڏڪو ۽ ٻين علائقن ۾ چيٽ جا فصل تيار

ريٽ ڳاٽي ٽوڙ هئڻ ڪري اسان چيٽ جا فصل نٿا پوکي سگهون اسان جون ذرخيز زمينون بنجر ٿي رهيون آهن:آبادگار

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ شهر ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ چيٽ جي فصلن جي پوکي شروع ٿيندي ئي ياڻ جي واپارين بليڪ مارڪيٽنگ شروع ٿي وئي واپارين ياڻ جا اگهه من پسند ريٽ مقرر ڪري ڇڏيو 8 ياڻ جا ڊيلر سرڪاري اگهه تي خريد ڪري پنهنجي اگهه سان وڪرو ڪرڻ لڳا چيٽ جا فصل پوکڻ لاءِ آبادگارن جا ٻئي هٿ مٿي تي اچي ويا ڊيلرن خلاف اي سي بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه ۾ پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي ضلعي صدر مٺان قمبر ۾ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف شهيد ڀٽو وارهه ڪارڪنن پاران احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي

جان محمد بروهي ۽ اياز ميرجت مٺان قمبر ۾ سيپڪو عملي پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف نعرا

جان محمد بروهي ۽ اياز ميرجت مٺان سيپڪو جي لائين سپريڊنٽ لال محمد راهوجو پاران ڪيس داخل ڪرايو

وارهه (رپورٽر:طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي ضلعي صدر مٺان قمبر ۾ ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف شهيد ڀٽو وارهه ڪارڪنن پاران احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي ڪوڙو ڪيس ختم ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دولت پور شهر ٺوڙي آسپاس جي
ڪچي پڪي جي هارين ۽ ننڍن
زميندارن کي ياڻ نه مليو

دولتپورصفن (رپورٽر) دولت پور شهر ٺوڙي آسپاس جي ڪچي پڪي جي هارين ۽ ننڍن زميندارن کي يوريا ڊي اي پي ياڻ نه ملڻ سبب سوين آبادگارن جا ڪروڙين رپين جا فصل تباهه ٿي ويا جڏهن ته دولت پور شهر جي مختلف ڪلر ڊيپو تان ڪلر بليڪ تي وڪرو ٿيڻ سبب آبادگارن جا هٿ مٿي تي اچي ويا آباد گارن جو بليڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

وارهه: پ پ (ش ڀ) پاران ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو هائي اسڪول ۾ ٻارڙن جي مشهور ڊاڪٽر محمد صادق سيال پاران هڪ روزه مفت ڪئمپ

بشير احمد سيال جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ بيمار ٻارڙن جي لاءِ هڪ روزه مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ڪئمپ دوران محمد صادق سيال هڪ هزار کان مٿي بيمار ٻارڙن کي تپاسيو ۽ مفت ۾ دوائون ڏنيون

ڊاڪٽرن کي اپيل ڪئي ته خدارا شهر مورو جي مسڪين مارواڙن جي مدد ڪريو: محمد صادق سيال

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) مورو هائي اسڪول ۾ ٻارڙن جي مشهور ڊاڪٽر محمد صادق سيال پاران پنهنجي پيارڻ مرحوم استاد نذير احمد سيال ۽ مرحوم بشير احمد سيال جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ بيمار ٻارڙن جي لاءِ هڪ روزه مفت ڪئمپ لڳائي وئي: جنهن ۾ نواب شاهه جي ٻارڙن جي مشهور ڊاڪٽر محمد صادق سيال هڪ هزار کان مٿي بيمار ٻارڙن کي تپاسيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بابا گرونانڪ ديوجي، جي جنم ڏينهن جون ٻن ڏينهن واريون تقريبون نوشهرو فيروز ۾ شروع

عقيدتمندن جو تاريخي مندر بابا جمناداس اداسين نوشهرو فيروز ۾ اڄ شروع ٿي ويو آهي

ديوجي، ماڻهن جي دلين ۾ مساوات، مالڪ حقيقيءَ جي عشق ۽ روحانيت جون روشنيون ٻاريون

پهرين ڏينهن رات جو ڀڳت ڊاڪٽر سيتل داس ۽ ونود ڪمار تندو الهيار وارن جي ٽيم ستسنگ ڪيو

نوشهروفيروز(ڊ ر) بابا گرونانڪ ديوجي، جي جنم ڏينهن جون ٻن ڏينهن واريون تقريبون نوشهرو فيروز ۾ شروع ٿي ويون آهن جنهن ۾ بابا جي ڏولي صاحب ڪڍي وئي ۽ پهرين ڏينهن کان ئي پوري سنڌ مان بابا گرونانڪ جي عقيدتمندن جو تاريخي مندر بابا جمناداس اداسين نوشهرو فيروز ۾ اچڻ شروع ٿي ويو آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي گادي نشين سائين رام داس صاحب جيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

هيرلوءِ لڳ قومي شاهراهه تي ڪراچي کان
ايندڙ ٽن بسن ۽ هڪ ٽرڪ جو خوفناڪ
ٽڪر، 4 فوت، 16 زخمي

هيرلوءِ (رپورٽر) هيرلوءِ لڳ قومي شاهراهه تي ڪراچي کان ايندڙ ٽن بسن ۽ هڪ ٽرڪ جو خوفناڪ ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ٻن معصوم ٻارڙن سميت 4 ڄڻا اجل جو شڪار 16 مسافر زخمي، 6 زخمين جي حالت نازڪ ٻڌائجي ٿي،زخمين ۽ فوتين جا لاش پوليس ۽ مقامي ماڻهن جي مدد سان سول اسپتال خيرپور پهچايا ويا. تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: بابا گرونانڪ ديوجي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪرايل تقريب جو ڏيک

بدين ۾ ثقافت جا رنگ روزانو نکري نروار ٿيڻ لڳا، پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي شرڪت

پرائمري اسڪول ۾ جيئي سنڌ جيئي سنڌ وارا جيئن تي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ٽيبلوز پيش ڪيا ويا

اسڪول ۾ رکيل ثقافتي پروگرام ۾ شاگردياڻين پاران تعليم جو فقدان جي عنوان سان خاڪا پڻ پيش ڪيا ويا

ثقافت کي اجاگر ڪيو ثقافت جي حوالي سان رکيل پروگرام ۾ نالي واري فنڪار ڪريم ڪڇي پاران ثقافت کي ڀيٽا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ ثقافت جا رنگ روزانو نکري نروار ٿيڻ لڳا آهن اڄ آچر ڏينهن تي به غريب آباد بدين جي پرائمري اسڪول جي استادن پاران رکيل ثقافتي پروگرام ۾ شاگردن شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري انڊلٺي رنگ پيش ڪيا جنهن ۾ سنڌ جي مختلف قومي گيتن هن جنم هن جنم، جيئي سنڌ جيئي سنڌ وارا جيئن تي شاگردن ۽ شاگردياڻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪنڊيارو جي ڳوٺ حيات سيال جا رهواسي امان الله سيال جي ظلمن کان تنگ اچي پهتا

امير بخش سيال ۽ وزيران سيال ڇوڪرين اغوا ڪري وڪرو ڪندا آهن:مظاهرين جون ڳالهيون

تحفظ جي اپيل آهي ايس ايس پي نوٽيس وٺي ور نه اسان ايس پي آفيس اڳيان پاڻ ساڙينداسين

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) ڪنڊيارو جي ڳوٺ حيات سيال جا رهواسي امان الله سيال جي ظلمن کان تنگ اچي نيشنل پريس ڪلب تي پهچي امير بخش سيال جيو ته امير بخش سيال ۽ وزيران سيال ڇوڪرين اغوا ڪري وڪرو ڪندا آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

حيدرآباد آءِ ايل ايف وفد پاران اليڪشن ۾ ڪئمپ تي پهچي سينيئر وڪيلن سان ملاقات

محمد ابراهيم پاهي جي اڳواڻي ۾ وڪيلن جي وفد پاران اليڪشن ۾ اهم معاملن تي ڳالهيون

پارٽي جي مضبوط ميمبر سازي جي حوالي سان دوستن سان ملاقاتون جاري رهنديون: ابراهيم پاهي

حيدرآباد (پريس رليز) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ذيلي تنظيم انصاف لائيرز فورم حيدرآباد جي سينيئر اڳواڻ ۽ ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري آءِ ايل ايف ايڊووڪيٽ محمد ابراهيم پاهي جي اڳواڻي ۾ وڪيلن جي وفد پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ بار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي: سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ ممتاز گوپانگ، ابراهيم پاهي ۽ ٻيا شريڪ آهن

نوشهروفيروز ضلعي امن امان بحال ٿي نه سگهيو، ڦورون ڌاڙا وڌي ويا، شهري پريشان

نيشنل هاءِ وي نوشهرو فيروز بائي پاس تان ڏينهن ڏٺي سني پمپ وٽ وڏي ڦرلٽ جي واردات

ڦورن پوليس ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿيو ته شهري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا:شهري اڳواڻ

نوشهروفيروز: رپورٽ اسد علي عمراڻي نوشهرو فيروز:نوشهروفيروز ضلعي امن امان بحال ٿي نه سگهيو ڦورون ڌاڙا وڌي ويا عوام پريشان پوليس اگهور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ايجوڪيشنل اينڊ سوشل آرگنائيزيشن پاران پيغام لطيف ڪڙي نمبر ۾ انعامي تقريب

تنظيم بدين ضلعي سان تعلق رکندڙ مختلف اسڪول جي شاگردن وڏي انگ ۾ حصو ورتو

ڊاڪٽر طفيل چانڊيو، پروفيسر عبدالله ملاح، سائين خادم ٽالپر، سائين ڪليم الله شريڪ ٿيا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ايجوڪيشنل اينڊ سوشل آرگنائيزيشن پاران پيغام لطيف ڪڙي نمبر 2، سنڌي ثقافتي ڏهاڙو ۽ شاگردن جي وچ ۾ انعامي تقريب رکي وئي جيڪا نجي هال ۾ ٿي گذري جنهن ۾ پوري بدين ضلعي سان تعلق رکندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي صحافي يار محمد ميربحر جي دڪان مان چوري

تالا ٽوڙي دڪان ۾ رکيل 45 هزار روپين جو قيمتي سامان ۽ 5 هزار ڪيش رقم چوري ٿي

اطلاع ڏيڻ ٿوڙي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو پوليس ٺٽي شهر سميت سموري ضلعي ۾ چورين روڪڻ ۾ مڪمل ناڪام ٺٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پيپلزپارٽي صفوران ٽائون جي چيئرمين راشد خاصخيلي طرفان ٻوٽو لڳائي مهم جو آغاز

راشد خاصخيلي ڊرينج سسٽم سميت ٻين علائقائي مسئلن جي حوالي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو

انفرااسٽرڪچر جي سڌاري لاءِ مشينري به خراب حالت واري ڏني وئي ،اپاهج حالت ۾ ٽائون مليو آهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پاڪستان پيپلزپارٽي صفوران ٽائون جي چيئرمين راشد خاصخيلي طرفان يوسي 2 جماعت اسلامي جي چيئرمين جميشد علي ملڪ ،وائس چيئرمين سڪندر علي بلوچ سان گڏجي گلزار هجري اسڪيم 33 ناريا چوڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پاڪستان تحريڪ انصاف نئين تعلقي سکر جي نائب صدر پاران استعيفي ڏيڻ جو اعلان

نويد احمد ڪوسو پنهنجي آفيس ۾ پارٽي عهدي تان استعيفي ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

عهديدارن کي صدر حليم عادل شيخ ۽ سنڌ جي قيادت پاران نظرانداز ڪيو ويو آهي: نويد ڪوسو

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف نئين تعلقي سکر جي نائب صدر نويد احمد ڪوسو پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي پارٽي عهدي تان استعيفي ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پنهنجي عهدي تان استعيفي جو اعلان ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: پاڪستان تحريڪ انصاف جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ٺٽو ڪراچي نيشنل هائي وي روڊ گجو سم نالي لڳ منشيات فروش گرفتار

پوليس گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدار قادر اڪبر ولد علي اڪبر بروهي کي سوگهو ڪيو

گٽڪي جي چورا سپاري جا 53 ٿيلها، آداب گٽڪا جا 10 پيڪٽ) 1000 پڙيون هٿ ڪيون ويون

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ڪراچي نيشنل هائي وي روڊ گجو سم نالي لڳ نوجوان ۽ متحرڪ پوليس آفيسر ۽ ايس ايچ او مڪلي سب انسپيڪٽر شوڪت علي درس پاران ڪامياب ڪارروائي 2 گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدار قادر اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سلطانپور پرسان ديني درسگاهه غوثيه سلطانيه ڏنڍي شهر ۾ نواب الاولياءِ ڪانفرنس منعقد

علامه ميان امان الله سهروردي جي اڳواڻي ۾ سالياني نواب الاولياء ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

اولاد کي ديني تعليم ڏياريو ۽ سندن تربيت بهتر بنائڻ لاءِ عالمن جي صحبت اختيار ڪريو:علماءِ

سلطانپور(رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان ديني درسگاهه غوثيه سلطانيه ڏنڍي شهر ۾ سني تحريڪ سکر ڊويزن جي اڳواڻ علامه ميان امان الله سهروردي جي اڳواڻي ۾ سالياني نواب الاولياء ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سربراهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ اسلامي جمعيت طلبه پاران هارا پبلڪ اسڪول جي زير اهتمام ميمبرن لاءِ چانهه پارٽي منعقد

زبير حفيظ شيخ، پرنسپال حرا پبلڪ اسڪول افضل وحيد اسڪول جو وائس پرنسپال عبدالحليم تنيو شريڪ

مستقبل ۾ سٺي قيادت فراهم ڪندي، اهڙيون سرگرميون ٻين اسڪولن ۾ به ٿيڻ گهرجن: عبدالحليم تنيو

سکر: (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) اسلامي جمعيت طلبه پاران هارا پبلڪ اسڪول جي زير اهتمام بزم ادب اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ سمورن ميمبرن لاءِ چانهه پارٽي منعقد ڪئي وئي، جنهن جو خاص مهمان اڳوڻو ناظم اعليٰ اسلامي جمعيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر: اسلامي جمعيت طلبه پاران ڪرايل گڏجاڻي جو ڏيک

ڪنڊڪوٽ ۾ ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۽ مبينا پيپر آئوٽ ٿيڻ خلاف احتجاج

مبينا پيپر آئوٽ ٿيڻ واري عمل خلاف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شاگردن مظاهرو ڪيو

ثبوت ڪورٽ کي مليا آهن ان بعد ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ کي رد ڪري ٻيهر ٽيسٽ ورتي وڃي: مظاهرين

آئوٽ ٿيڻ واري پيپر جو نتيجو روڪي ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر غيرجانبدار ٽيم ذريعي ٽيسٽ ورتي وڃي: ڳالهيون

ڪنڊڪوٽ(رپورٽر:غالب بلوچ) سال 2024 جي ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۽ مبينا پيپر آئوٽ ٿيڻ واري عمل خلاف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شاگردن جو پريس ڪلب آڏو غلام مصطفي ميراڻي عبدالغني بجاراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڊڪوٽ: ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ۾ ميرٽ جي لتاڙ ۽ مبينا پيپر آئوٽ ٿيڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪندي

سکر ۾ ڪليل مين هول
شهرين ۽ جانورن جي
زندگين لاءِ خطرو بڻجي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ کليل مين هول شهرين ۽ جانورن جي زندگين لاءِ خطرو بڻجي ويا، مين هولن ۾ ماڻهو ۽ جانور ڪرڻ ۽ زخمي ٿيڻ جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن بشراج ڪالوني ۾ گهڻن مين هول ۾ ڍڪڻ، اطلاع باوجود ڪو به عملدار واقعي واري هنڌ نه پهتو تفصيل موجب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين پوليس ۾ ٽي سال مڪمل ڪندڙ پوليس ڪانسٽيبلن جي پروموشن لاءِ امتحان منعقد

امتحان ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي ڊي ايس پيز انتظامن جو جائزو ورتو

اميدوارن کان مختلف قانونن تي مشتمل مضمونن مان تحريري ۽ صلاحيتن جو امتحان ورتو ويو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين پوليس ۾ ٽي سال مڪمل ڪندڙ پوليس ڪانسٽيبلن جي پروموشن لسٽ اي ون جا امتحان ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي ڊي ايس پيز شهزاد علي سومرو اصغر جت انسپيڪٽر عاشق ميمڻ جي نگراني ۾ پوليس هيڊڪوارٽر بدين ۾ منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ 73 مرد ۽ 3 عورت اميدوارن حصو ورتو اميدوارن کان مختلف قانونن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز ۾ سيال برادري جي معزز شخصيتن پاران پ پ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان

شموليت بابت پ پ پ اڳواڻن پاران هيريٽيج پبلڪ اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي

سيال برادري کي پليڪار چئون ٿا ،اعتماد ڪندي پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو: ضياءالحسن

ڪوشش آهي ته هن شهر کي ماڊل شهر بنايون ۽ نوجوانن جي مستقبل لاءِ اسان سڀ گڏجي بهتري آڻيون

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) جي سيال برادري جي معزز شخصيتن وڏيرو غلام مصطفي سيال استاد پريل سيال اسد الله سيال جاويد خان سيال ۽ ٻين پنهنجي برادري سميت پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ هيريٽيج پبلڪ اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد بينظيرآباد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: پ پ اڳواڻ ضياء الحسن لنجار تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٿرپارڪر ۾ برسات ۽ آسماني
بجليون ڪرڻ جا واقعا، پيءُ پٽ
سميت 3 ڄڻا فوت

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)اسلام ڪوٽ ۽ پرپاسي ڳوٺن سان برسات ۽ برفباري،سيءُ ۾ واڌ،ڪٽوڻ ڪرڻ سبب ٻن عورت سميت 3 ڄڻا زخمي،وڏي تعداد ۾ چوپايو مال مري ويو خبرموجب:اسلام ڪوٽ ۽ پرپاسي گذريل رات 3 بجي کان ڳوٺن سان شروع ٿيل برسات وقفي وقفي سان مسلسل 11ڪلاڪ وسندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسٽيل ٽائون جي ڊي ايس پي آفيس مان پراسرار نموني گم ٿي ويل هيڊ ڪانسٽيبل جو پتو نه پيو

جهمپير واسي پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جو ڪو به ڏس پتو پئجي نه سگهيو

نظر محمد شاهه جي پاءِ سيد غلام مصطفي شاهه هاءِ ڪورٽ سنڌ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل ڪئي

ڊي ايس پي، ايس ايڇ او ۽ اي ايس آءِ کي نوٽيس جاري ڪندي عدالت ۾ جواب لاءِ طلب ڪري ورتو

ٺٽو(ڊ ر) 12 ڏينهن اڳ اسٽيل ٽائون ڪراچي جي ڊي ايس پي آفيس مان پراسرار نموني گم ٿي ويل جهمپير واسي پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جو ڪو به ڏس پتو پئجي نه سگهيو، سندس پاءُ سيد غلام مصطفي شاهه پاران هاءِ ڪورٽ سنڌ ۾ پٽيشن داخل، عدالت ڊي ايس پي، ايس ايڇ او، اي ايس آءِ اسٽيل ٽائون ٺٽو کي نوٽيس جاري ڪري عدالت ۾ طلب ڪري ورتو آهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌي ميڊيا طرفان ثقافت جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪراچي ۾ تقريب، گيتن تي رقص

اڳواڻ صحبت ڀهراڻي ۽ علي عباس ڀهراڻي جي سهڪار سان ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويو

تقريب ۾ سنڌ جي سريلي فنڪار بشير جتوئي قومي گيت ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو

ثقافت ۾ نياڻن کي مان ڏيڻ وڏڙن جو احترام ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي: سيف الله نور

ڪراچي (رپورٽر)سنڌي ميڊيا طرفان ثقافت جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪراچي جي علائقي ماڙيپور گريڪس ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان ڌٻڻي ۾ رهندڙ صحبت ڀهراڻي ۽ علي عباس ڀهراڻي جي سهڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان ثقافتي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي

آءِ بي اي سکر پاران پي ايس ٽي ۽
جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ
ڏيندڙن پاران احتجاج

دولتپورصفن (رپورٽر) آئي بي اي سکر پاران پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن سنڌ حڪومت پاران پنهنجي من پسند علائقن کي هارڊ ايريا قرار ڏيڻ خلاف سٺي دولت جي اميدوارن جو باب گلڻ چام کان نيشنل پريس ڪلب دولت پور تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سچل ڳوٺ باشعور سنڌ روشن مستقبل جي ضمانت جي سري هيٺ شاندار ثقافتي پروگرام منعقد

نوجوانن عورتون معصوم ٻارڙن پوڙهن پڪن شاعرن اديبن سياسي سماجي اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي

ثقافتي تقريب جي مک مهانن ۾ حاڪم علي جسڪاڻي، اڳوڻو ايم پي اي منور علي وساڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

فنڪاره ۽ فنڪارن مارول گروپ ،انور حسين زرداري ،علي حسن خاصخيلي ،شازيا بانو قومي گيت ڳائي داد ماڻيو

ڪراچي(رپورٽر: باغي ساگر ڀنڀرو) سنڌين جي دل سچل ڳوٺ ۾ ڌرتي ٽي وي جي رپورٽر غوث پگهيو طرفان باشعور سنڌ روشن مستقبل جي ضمانت جي سري هيٺ شاندار ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ نوجوانن عورتون معصوم ٻارڙن پوڙهن پڪن شاعرن اديبن سياسي سماجي اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي رنگارنگ تقريب ۾ نوجوانن سنڌي ٽوپيون اجرڪ جڏهن ته عورتن ۽ ٻارڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ميرپورماٿيلو جسقم طرفان ياڻ جي هٽرادو ڪوٽ خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس، انتظاميا ملوث قرار

تنظيم پاران آل پارٽيز ڪانفرنس ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو ۾ ڪوٺائي وئي

سردار شهريار مڱاس، آبادگار هاري ڪاميٽي اڳواڻ ڏاڏو ڏهر لياقت لاشاري، ديشي ثناءَ الله چاچڙ شريڪ ٿيا

ڪاڏ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ضلع انتظاميا ڊيلرن کان لکين روپيا وٺي کلي عام اجازت ڏئي ڇڏي آهي:اڳواڻ

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ميرپورماٿيلو جسقم طرفان ياڻ جي هٽرادو ڪوٽ خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس، ياڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ڊي سي گهوٽڪي ۽ ايگريڪلچر انتظاميا ملوث قرار ڏيندي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آل پارٽيز ڪانفرنس ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ايس يو پي، پ پ شهيد ڀٽو ۽ آبادگار هاري ڪاميٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي: جسقم اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

بوزدار وڏا شهر ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي
ڪلر جو بليڪ تي وڪرو
جاريم، آبادگار پريشان

ٽالپرواڏا(رپورٽر:) بوزدار وڏا شهر ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي ڪلر جو بليڪ تي وڪرو جاري،يوريا 5هزار ۽ ڊي اي پي 15 هزار روپيا في ٻوري وڪرو،مقامي انتظاميا جا ڪامورا ننڊ پيل،ڏيکاءَ خاطر سبزي فروشن ۽ ڪرياني جي دڪاندارن تي ڏنڊ،ڪرياني ۽ سبزي وڪرو ڪندڙن مٿان ريٽ لسٽ تي شيون وڪرو ڪرڻ جا شاهي فرمان جاري،زرعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين ۾ ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل پاران تقريب منعقد

بدين سميت مختلف شهرن ڳوٺن کان آيل ماڻهن شهرين صحافين ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

استاد الهڏنو جوڻيجو، استاد بادل راهي پريم پياسي اڪبر علي شاهه ڪريم ڪڇي ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

تقريب ۾ لاڙ ثقافت آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري عبدالستار جوکيو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل ضلعي بدين پاران جيم خانه هال بدين ۾ راڳ رنگ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ بدين سميت مختلف شهرن ڳوٺن کان آيل ماڻهن شهرين صحافين ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ مهمان خاص ميونسپل ڪميٽي بدين جو چيئرمين پير محمد صالح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 27 نومبر 2023ع

پوليس کان پوءِ ايڪسائيز اهلڪار به ؟!

سنڌ ۾ منشيات جي سپلاءِ انهن ادارن جي اهلڪارن جي سرپرستيءَ ۾ جاري آهي، جن جو ڪم منشيات جي تياري، رکڻ ۽ واهپي کي روڪڻ آهي. هر اهي ادارا ڪهڙي نموني ڪم ڪن ٿا، تنهن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته، حيدرآباد ۾ بلديا پوليس سرڪاري نمبر پليٽ لڳل ويگو گاڏي مان منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ويگو گاڏيءَ ۾ منشيات سپلاءِ ڪرڻ جي الزام هيٺ ايڪسائيز ڪاتي جي ملازم کي گرفتار ڪيو آهي. اي ايس پي بلديا جي چوڻ آهي ته ايڪسائيز ڪاتي جو ملازم ويگو گاڏي ذريعي چرس ۽ مين پڙين جي استعمال ٿيندڙ نشي واري خام مال اسمگل ڪري رهيو هو. جنهن وٽان هٿ آيل سامان ۾ 2 ڪلو چرس ۽ نشي وارو خام مال جا 10 ڪٽا شامل آهن. گرفتار ڪيل جوابدار خلاف منشيات سپلاءِ ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

انتظاميا سنڌ کي موالين جي ملڪ جي سڃاڻپ ڏيڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو آهي. پوليس جو فرض سماجي برائين کي روڪڻ ۽ انهن جو خاتمو آهي. پر پوليس پنهنجي ان بنيادي فرض جي ابتڙ ڪم ڪري رهي آهي. ايتريقدر جو هاڻي ته ايڪسائيز جا اهلڪار جن جو ڪم منشيات جي تياري، واهپي ۽ وڪري کي روڪڻ آهي. انهن جي سرپرستيءَ ۾ منشيات جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي. ايڪسائيز ڪاتي جا اهلڪار پنهنجن فرضن ۾ ڪوتاهي ڪن ته اهو ڏوهه آهي، پر جي اهي پنهنجن فرضن جي ابتڙ ڪم ڪن ته اهو "وڏو" ڏوهه آهي. سرڪاري نمبر پليٽ واري ويگو گاڏي مان مين پڙين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪيميڪل ۽ چرس هٿ ڪيا ويا آهن. گٽڪو ۽ مين پڙين سان نه صرف ڪئنسر ڦهلجي ٿو بلڪه ٻيون به تمام خطرناڪ بيماريون ٿين ٿيون. هر قسم جي منشيات پوليس ۽ ايڪسائيز ڪاتي جي اهلڪارن جي سرپرستيءَ ۾ هلي ٿي.

جيئن جيئن حڪومتي ادارا منشيات خلاف ڪارروائين جون دعوائون ڪن ٿا، تيئن تيئن منشيات جو ڪاروبار وڌندو پيو وڃي. پوليس ۽ ايڪسائيز اهلڪار منشيات جي سپلاءِ ۾ ملوث آهن، اهڙي صورتحال ۾ عام ماڻهو ڪنهن کان اميد رکن؟ تعليمي ادارن ۾ به منشيات عام ٿي چڪي آهي، جنهن سبب نوجوان نسل تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته پوليس ۽ ايڪسائيز اهلڪارن جي سرپرستي کان سواءِ منشيات جو ڪاروبار ممڪن ناهي.

پوليس ۽ ايڪسائيز اهلڪارن جي سرپرستيءَ ۾ زهر جو ڪاروبار هلي رهيو آهي. ڪيترائي اهلڪار منشيات فروشن سان ملي ڪري اهو ڪاروبار هلائي رهيا آهن. ڪڏهن پوليس جي موبائلن مان هٿ ايندي رهي آهي ته ڪڏهن اسپتالن جي ايمبولينسن مان پڪڙي ويندي آهي. ڪڏهن ايڪسائيز ڪاتي جا اهلڪار اها سپلاءِ ڪندي پڪڙيا ويندا آهن. اسان سنڌ جي نگران انتظاميا کان اها گهر ٿا ڪريون ته پوليس ۽ ايڪسائيز ڪاتي جي اهلڪارن جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ منشيات جي فراهمي بند ڪرائي وڃي ۽ ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

زڪيه شاهنواز ٽالپر: سنڌي ٻولي، سنڌ جي استادن ۽ سنڌ جي تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ ڪردار

احسان علي لغاري



سنڌ ڌرتي ڪيترن ئي اهڙن اهليه مائٽن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي جدوجهد ۽ ڪردار سان نه صرف پاڻ کي سٺي مقام تي پهچايو آهي پر ٻين جو نانءُ به روشن ڪيو آهي. ديس جي ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي. اهڙن ماڻهن جو اسان جي تاريخ تي وڏو اثر آهي. انهن جو ڪردار اسان جي نوجوان نسل لاءِ سدائين اتساهه پيدا ڪندو رهيو آهي. اهڙن ماڻهن جي فهرست ۾ محترمه پروفيسر زڪيه شاهنواز ٽالپر به هڪ آهي. زڪيه شاهنواز ٽالپر 1977ع تي گوٺ ڪيس ضلعي ميرپورخاص ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول ڪيس، مڊل گورنمينٽ گرلز ٽريننگ ڪاليج تلڪ چاڙهي ڪالوني حيدرآباد، انٽر گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد، گريجوئيشن گورنمينٽ گرلز زبيده ڪاليج حيدرآباد. ايم اي پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ايم اي سنڌي لٽريچر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، بي ايڊ، ايم ايڊ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، ايم فل سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي.

عملي طور جدوجهد ڪندي ڪيترن ئي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو. ڪيترن ئي ثقافتي ۽ علمي ادبي ڪمن ۾ شارٽ ڪٽ تي پاڙيندڙ ماڻهن طرفان حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سنڌ جي اڏول نياڻي پنهنجا قدم پوئتي هٽائڻ بدران سدائين اڳتي ئي وڌايا. ان بعد ميرٽ تي ضلعي ۾ پي ايس ٽي طور اپائنٽمينٽ ٿي ۽ نوڪري دوران اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان 2010 ۾ بيسٽ ٽيچر ايوارڊ سان نوازيو ويو. ان دوران انهن کي هيسايو پئي ويو. انهن کي ويهندي به خوف ٿيندو هو. هن اهڙن پرنسپالز جي پاڻهن بيلي ٿي بيلي ۽ انهن کي محسوس ڪرايو ته اوهان اڪيلا نه آهيو. سنڌي ماڻهو جيڪي ڪراچيءَ ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪن ٿا، انهن کي ڪجهه سياسي تنظيمن ۽ ماڻهن طرفان مختلف طريقن سان تنگ ڪيو پئي ويو. استادن جي سيني مسئلن تي پنهنجو چٽو موقف ڏيندي آهي ۽ هميشه استادن سان ٿيندڙ ڪنهن به ...

... ڪاليج ڪيمپس جي شاگردن کي جاڳايو ۽ هڪ ڀرپور احتجاج ڪرايو، جنهن جي صورت ۾ سنڌ يونيورسٽي انتظاميه کي پنهنجو ڪيل فيصلو واپس وٺڻو پيو. اهڙيءَ ريت سائنس زندگيءَ جون ڪيتريون ئي يادون آهن. جيڪي سائنس تي سدائين فخر محسوس ڪرائين ٿيون. اڄ سندس جنم ڏينهن آهي، آئون دل جي گهراين سان کيس مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

> تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران ڳڏيو؛
> چڪيا چاڪَ چيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِ؛
> دوستَ جي درسنَ سين، پَئي نارُ نَپَنِ؛

دڙي شهر جا مسئلا حل ڪريو!

محمد انور ميمڻ

دڙي شهر ۾ ايريگيشن ڪاتي، سال ڪن اڳ دڙو پڇاري پل ڪروڙين رپيا خرچ ڪري نهرائي، هن پل جي هڻ ٻي مرمت کي تباهيءَ کان بچايو وڃي. شهر جي رونق هن پل تائين آهي، جي پل نه رهي ته شهر جي رونق تباهه ٿي ويندي. خدارا پڇاري پل کي ٻيهر تباهيءَ کان بچايو. جيڪڏهن نه هن شهر جي سونهن تباهه ٿي ويندي.

دڙي شهر ۾ پڇاري پل کان بنورو روڊ، پيٽرول پمپ تائين ۽ سزوڪي اسٽاپ کان ٻنون روڊ، واٽر سپلاءِ تائين ۽ پل کان محمود واهه موريءَ تائين حد دخلين جو آزار حد کان وڌيڪ آهي. بسون، ڪارون ۽ ٻيا ڪاروباري ماڻهو پل کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا. خدارا حد دخليون هٽرايو ۽ موٽر سائيڪلن جي رش جو آزار پڻ آهي. عام ماڻهن جو شهر ۾ هلڻ محال بڻجي چڪو آهي. خاص ڪري ننڍڙن ٻارن، شاگردن ۽ وڏيءَ عمر جي پوڙهن ۽ بيمار عورتن ۽ مردن جو هلڻ محال ٿي چڪو آهي. روڊن جي ٻنهي طرفن کان ڪاروباري مرڪز ڪليل آهن. ان سبب ڪنهن به وقت حادثي جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

دڙي شهر جي روڊن تي ناجائز قبضا ٿي رهيا آهن. جڏهن ته شهر اندر ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ٻه وڏيون عمارتون نهرايل آهن. جن ۾ هڪ مڇي مارڪيٽ ۽ ٻي سبزي مارڪيٽ، جيڪي هن وقت بي درديءَ سان ٻيل آهن! مڇي مارڪيٽ ۽ سبزي مارڪيٽ ۾ خانا 40 کان وڌيڪ نهيل آهن. جيڪي هن وقت ٻين ڪاروبارن ۾ هلي رهيا آهن! ۽ انهن ۾ ٻيا مسواڙي فرضي نالن سان وينل آهن! مڇي، گوشت، سبزي جا گاڏا ۽ صندل شهر جي روڊ تي نظر اچي رهيا آهن.

پڇاري پل جي هن وقت حالت تمام خراب آهي، جنهن لاءِ سياسي، سماجي، ادبي، صحافي ۽ شهري گهر ٿا ڪن ته جاچ ڪري جائز مسئلو حل ڪيو وڃي. عوام جو هلڻ به محال ٿي چڪو آهي! خاص ڪري جنازي وقت ۽ ايمرجنسي بيمارين وقت مريضن کي سخت پريشاني ٿئي ٿي.

بالا حڪام کي اپيل ٿا ڪريون ته شهر ۾ رولو ڪُتن، گڏهن ۽ تيزيءَ سان موٽر سائيڪل هلائڻ جو پڻ آزار آهي. ان لاءِ ڪو لائحه عمل تيار ڪيو وڃي ته جيئن هتان جا شهري پُرامن رهي سگهن.

هن شهر کي تفريح گاهه پڻ ناهي! هڪ پبلڪ پارڪ آهي ان جي حالت به ڪنهن کان ڳجهي ناهي! چند ڀڳل ٽٽل ڪُرسيون لڳل آهن. ساوڪ لاءِ ٿوري وٿڪار آهي. پبلڪ پارڪ جي سار سنڀال گهٽ هئڻ ڪري پارڪ جي سونهن نظر گهٽ اچي ٿي. صبح کان شام تائين لوفر، جواري، شرابي، ٺرائي ۽ ڏوهاري قسمن جي ماڻهن جي رسائي جهڙو پارڪ آهي. سائين منهنجا توهان کي ٻڌائيندو هلان ته هن قديمي پبلڪ پارڪ ۾ هن وقت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو مجسمو پڻ لڳل آهي. اسان بالا حڪام کي اپيل ٿا ڪريون ته پبلڪ پارڪ ۽ مجسمي جي صفائي سترائيءَ جو خيال رکيو وڃي ۽ پبلڪ پارڪ اڳيان جيڪو روڊ ميران شاهه شيرازي درگاهه ڏانهن وڃي ٿو اهو تمام هيٺ آهي. برساتي موسم ۾ گوڏي جيڏو پاڻي اتي بيهي ٿو. بيمار ۽ جنازا کڻي وڃڻ وارن کي سخت پريشاني درپيش اچي ٿي. ان لاءِ نگران وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻين عملدارن کي اپيل ٿا ڪريون ته خدارا اسان جا هي جائز مسئلا حل ڪيا وڃن.

بقايا 01

۾ اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ميڊيا ۾ نواڻ لاءِ نئين ٽيڪنالوجي اختيار ڪرڻي پوندي هن اهڙن خيالن جو اظهار اڄ ڏينهن پاڪستان ٽيليويزن لاهور سينٽر جي دوري ۽ پي ٽي وي جي 59هين سالگرهه جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي به ان سان گڏ هو جڏهن ته جي ايم پي ٽي وي لاهور سينٽر، قاري سيد صداقت علي سميت ملازم ۽ ٻيا به ان موقعي تي موجود هئا وفاقي وزير ج يو ته پي ٽي وي قومي وحدت جي علامت ۽ اسان سيني جي ثقافتي ۽ سماجي سڃاڻ جو مظهر آهي هن چيو ته پاڪستان ٽيليويزن جي بهترين نشريات جو 59هون سال سفر قومي تشخص ۽ روشن روايت جو امين آهي پي ٽي وي جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد ڪيل هن تقريب ۾ اچڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن چيو ته مون کي خوشي آهي جو پاڪستان ٽيليويزن اڄ پنهنجي 59هين سالگرهه ملهائي رهيو آهي مان مڙجي ملازمن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو وفاقي وزير چيو ته منهنجي لاءِ اها ڳالهه به تمام خوشي واري اهي جو اڄ اسان لاهور ۾ اتي بيٺا آهيون جتي 59 سال اڳ ويجهي عمارت ۾ هڪ ٽينٽ ۾ منهنجي استاد اسلم مرزا صاحب پي ٽي وي جي هي ٽرانسميشن شروع ڪرائي مون کي يقين آهي ته هو پي ٽي وي جي هن شاندار سفر تي مرڪندي هوندو هن چيو ته حڪومت ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ سڌارا ڪري رهي آهي اسان ڀهريان ريڊيو پاڪستان ۾ سڌارا ڪيا آهن هاڻي پوري انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ س ڌارا ڪرڻ وارا آهيون ته جيئن انهن شعبن جي ڪارڪردگي کي اڃا وڌيڪ وڌائي سگهجي. مرزا سولنگي ۽ محسن نقوي پي ٽي وي ملازمن سان گڏجي 59هين سالگرهه جو ڪيڪ به ڪٽيو ۽ کين مبارڪون ڏنيون جنهن کان پوءِ نگران وفاقي وزير ۽ وڏي وزير پي ٽي وي لاهور سينٽر جا مختلف حصا ڏٺا.

بقايا 02

پر مارڪيٽ ۾ روسي تيل جي قيمت مقرر حد کان به هيٺ هلي وئي آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ برطانوي برينٽ جا سودا هڪ سيڪڙو گهٽتائي سان 80.58 ڊالر في بيرل، جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جا سودا به سيڪڙو گهٽتائي سان 75.54 ڊالر في بيرل تي ٿيا. عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي کي ڏسندي پاڪستان ۾ به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٽ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جي اگهن جو حتمي اعلان وزيراعظم جي منظوري سان ڪيو ويندو. واضح رهي ته حڪومت 16 نومبر کان به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي هئي.

بقايا 03

چيو آهي ته 5 هزار رپين جو ڪرنسي نوٽ هلندو رهندو ان تي پابندي لڳائي ويندي. نجي ٽي وي چئنل کي انٽرويو ۾ شمشاد اختر چيو ته ڊي مينٽائيزيشن ڪو حل ناهي، 5 هزارن جو نوٽ حڪومت منهنجي درخواست تي جاري ڪيو هو جڏهن مان اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر هيس. هن چيو جيڪڏهن اسان نوٽ ڪي ڊي مينٽائيزيشن ڪنداسين ته وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ٿي وينديون، جنهن ۾ پرنٽنگ سميت ٻيا معاملا آهن

بقايا 04

فوت ٿي وئي چاچري جي ڳوٺ ماڻپائي جوتڙ ۾ وڄ ڪرڻ سبب ٻني ۾ ڪم ڪندڙ عورت تلسي زال سروڻ، هملو ۽ ڪيسو زال سترام زخمي ٿي پيا ننگرپارڪر جي ڳوٺ ويرا واهه ۾ وڄ ڪرڻ سبب 30 رڍون، ٻڪريون ۽ چاچرو جي ڳوٺ ريشم جوتڙ ۾ وڄ ڪرڻ سبب 7 ٻڪريون مري ويون الهندي هوائن جي سسٽم جو سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي پٽي تي اثر برقرار ڪراچي ۾ اڄ شام ۽ رات جو تيز برسات جو امڪان ظاهر ڪراچي سميت مختلف علائقن ۾ وسڪاري کان پوءِ سي وڏي ويو ملير، گلشن اقبال، صدر، ڪلفٽن، ڊفينس، محمود آباد، نارٿ ناظم آباد، فيڊرل بي ايريا ۽ ٻين علائقن ۾ برسات جو پاڻي بيٺل بجلي جي اڪبوٽ جاري ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٺي، ٽنڊو بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ سانگهڙ ۾ برسات بعد بجلي جو نظام ڊانوانڊول، سجاول، جاتي، ڪيٽي بندر، ساڪرو ۽ گهارو مختلف علائقن ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ ٿڌ وڌي وئي

بقايا 05

جي سياست کي ختم ڪيو ويندو. ڪراچي وارن کي نظر اچي ويو آهي ته مسئلو اختيارن جو نه پر نيت جو هو مرتضيٰ وهاب چيو ته ماڻهو چون ٿا ته ارڙهين ترميم خراب آهي؟ مان ڪانئن پڇان ٿو ته ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي اهو نٿا ٻڌائين. ڪراچي جي ميئر وڌيڪ چيو ته شهر ۾ وڌيڪ پارڪس ٺاهڻ اسان جو ٽارگيٽ آهي. ڪيترائي ڪم مالي کوٽ سبب سُست رفتاري جو شڪار آهن. ايڊونچر پارڪ کي به بحال ڪنداسين عوام کي معياري سهولتون ڏيڻ جي لاءِ ڪوشان آهيون.

بقايا 06

آزاديءَ جي بدلي ۾ اسرائيلي حراست مان 39 فلسطيني قيدين کي به آزاد ڪيو ويندو حماس ۽ اسرائيل وچ ۾ عارضي جنگبندي جي ثالثي ڪندڙ قطر جو چوڻ آهي ته قطر ۽ مصر ٻنهي ڌرين سان رابطن ذريعي قيدين جي آزادي ۾ حائل رڪاوٽون دور ڪيون ويون آهن. جڏهن ته حماس به ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته رڪاوٽون هٽايون ويون آهن.

بقايا 07

مقابلو ٿيو جنهن ۾ 10 لک انعام رکيل ڏوهاري جي مارجڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ايس ايڇ او اي سيڪشن علي اصغر شاهه ٻڌايو ته راڌڻ ميهڙ ۽ سي آءِ پوليس رپوش ڏوهارين جي اطلاع تي ٺٺون ڳوٺ روڊ بيلي ۾ پهتي ته ڏوهارين سان مقابلو ٿيو جنهن دوران ڏوهاري مارجي ويو. جنهن جي سڃاڻپ ڪيٽي جتوئي واسي جبار چانڊيو طور ٿي آهي. پوليس موجب ڏوهاري وٽان ڪلاشنڪوف ۽ هڪ موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي آهي مارجي ويل ڏوهاري مٿان 10 لک روپيا انعام رکيل هو. پوليس جو چوڻ هو ته مارجي ويل ڏوهاري دادو سميت سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ڦرن ڌاڙن، قتل سميت 48 ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا پيا وڃن.

بقايا 08

مليو آهي، پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته لاش جي موجودگي جو اطلاع ۽ مددگارون فائيو تي مليو هو ڪوڪرا پار واسي مقتول ڪانسٽيبل خالد نسيم سيڪيورٽي زون ون ۾ مقرر هو ۽ واقعي وقت پوليس جي وردي ۾ موجود نه هو ملير سٽي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ جاري آهي. ايس ايس پي ملير واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس پي ملير کي جاچ ڪري رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ايس ايس پي جي ترجمان موجب اطلاع ملڻ تي جڏهن پوليس پهتي ته تلاشي دوران مقتول جي کيسي مان ڪارڊ برآمد ٿيو جڏهن ته گهر ڀاتين ٻڌايو ته خالد نسيم پنهنجي دوست سان گڏ گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائڻ ڪوڪرا پار ٿاڻي ويو هو

بقايا 09

محمد عمر، محمد فيضان ۽ راڻي سميت چار ڄڻا اجل جو شڪار بڻجي ويا زخمين ۾ غلام سڪينه، تنوير بيبي، شهناز، شازيه، نعيم، وسيم، عادل پٽي يوسف، مهرين ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا 10

سينيٽرن جو موقف آهي ته شهباز شريف وزيراعظم ناهي ته ڪائد ايوان اسحاق ڊار بدران ڪنهن ٻئي کي ٿيڻ گهرجي. ذريعن موجب پ پ سينيٽر سليم مانڊوي والا کي سينيٽ ۾ حڪومتي چيف وهپ مقرر ڪيو ويو سندس عهدو مملڪتي وزير برابر هوندو.

بقايا 11

ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ به نينگر ۽ هڪ عورت فوت ٿي ويا جڏهن ته 33 ڄڻا زخمي ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي خيرپور اسپتال منتقل ڪيو. فوتين جي سڃاڻپ نينگر محمد عمر، محمد فيضان ۽ مسمات راڻي طور ٿي. زخمي مسافر ۾ غلام سڪينه، مائي تنوير بيبي، شهناز، شازيا، محمد نعيم، محمد وسيم، عادل پٽي، الله بچايو يوسف، مهرين، عدنان، بانو بيگم ۽ ٻيا شامل آهن زخمين مان 5 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا 12

هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيسن جي ڪاز لسٽ ۾ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ قانوني رنڊڪ ٽوڙڻ ۽ مختلف ايونٽن کي غلط بيان ڪرڻ بابت جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا ۽ ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد خلاف داخل ڪيس بابت درخواست کي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهري عاطف علي جي اڳوڻي آرمي چيف ۽ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست 28 نومبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي هئي. پر هاڻ عدالت داخل ڪيس جي درخواست ڪاز لسٽ مان رد ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ويب سائيٽ موجب ان درخواست جي ٻڌڻي کي ڪينسل ڪري لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي.

بقايا 13

300 آفيسر ڀرتي ڪندو جنهن لاءِ زرعي گريجوئيٽس ڪانسواءِ مختلف شعبن ۾ ماسٽر ڊگري رکندڙ نوجوانن کي ڀرتي ڪيو ويندو. ان کان اڳ آءِ جي پنجاب عثمان انور پنجاب پوليس ۾ 4 هزار ڪانسٽيبلز ڀرتي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن. هن حتمي منظوري لاءِ سمري پنجاب حڪومت موڪلي ويندي.

بقايا 14

وفاقي وزير ج يو ته پي ٽي وي قومي وحدت جي علامت ۽ اسان سيني جي ثقافتي ۽ سماجي سڃاڻ جو مظهر آهي هن چيو ته پاڪستان ٽيليويزن جي بهترين نشريات جو 59هون سال سفر قومي تشخص ۽ روشن روايت جو امين آهي پي ٽي وي جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد ڪيل هن تقريب ۾ اچڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن چيو ته مون کي خوشي آهي جو پاڪستان ٽيليويزن اڄ پنهنجي 59هين سالگرهه ملهائي رهيو آهي مان مڙجي ملازمن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو وفاقي وزير چيو ته منهنجي لاءِ اها ڳالهه به تمام خوشي واري اهي جو اڄ اسان لاهور ۾ اتي بيٺا آهيون جتي 59 سال اڳ ويجهي عمارت ۾ هڪ ٽينٽ ۾ منهنجي استاد اسلم مرزا صاحب پي ٽي وي جي هي ٽرانسميشن شروع ڪرائي مون کي يقين آهي ته هو پي ٽي وي جي هن شاندار سفر تي مرڪندي هوندو هن چيو ته حڪومت ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ سڌارا ڪري رهي آهي اسان ڀهريان ريڊيو پاڪستان ۾ سڌارا ڪيا آهن هاڻي پوري انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ سڌارا ڪرڻ وارا آهيون ته جيئن انهن شعبن جي ڪارڪردگي کي اڃا وڌيڪ وڌائي سگهجي. مرزا سولنگي ۽ محسن نقوي پي ٽي وي ملازمن سان گڏجي 59هين سالگرهه جو ڪيڪ به ڪٽيو ۽ کين مبارڪون ڏنيون جنهن کان پوءِ نگران وفاقي وزير ۽ وڏي وزير پي ٽي وي لاهور سينٽر جا مختلف حصا ڏٺا.

بقايا 15

سفاري پارڪ ۾ نئين لڳايل زپ لائين جي افتتاح جي موقعي تي ميئر ڪراچي صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته زپ لائين کي عوام لاءِ کوليو ويو آهي. ڪراچي جي هي پهرين فلائي زپ لائين آهي. ان کان اڳ ڊائنو سفاري پارڪ بنائي چڪا آهيون. شهرين کي تفريحي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ ڪوششن ۾ مصروف آهيون هن چيو ته ڪراچي جي 7 ضلعن ۾ هڪ جهڙا ترقياتي ڪم جاري آهن. سڀ چاهين ٿا ته ڪراچي جون رونقون بحال ٿين شهر ۾ بدمعاشي ۽ تنقيد جي سياست کي ختم ڪيو ويندو. ڪراچي وارن کي نظر اچي ويو آهي ته مسئلو اختيارن جو نه پر نيت جو هو مرتضيٰ وهاب چيو ته ماڻهو چون ٿا ته ارڙهين ترميم خراب آهي؟ مان ڪانئن پڇان ٿو ته ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي اهو نٿا ٻڌائين. ڪراچي جي ميئر وڌيڪ چيو ته شهر ۾ وڌيڪ پارڪس ٺاهڻ اسان جو ٽارگيٽ آهي. ڪيترائي ڪم مالي کوٽ سبب شست رفتاري جو شڪار آهن. ايڊونچر پارڪ کي به بحال ڪنداسين عوام کي معياري سهولتون ڏيڻ جي لاءِ ڪوشان آهيون.

بقايا 16

ڪرڻ لاءِ عمارت جي حوالگي لاءِ ڪي ايم سي ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي وچ ۾ هڪ مفاهمتي ياداشت تي جلد صحيحون ڪيون وينديون. هي ليب ايم سي جي غير فعال سينٽرلائزڊ بل بئنڪ جي احاطي ۾ قائم ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين، سينيئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سروسز ڪي ايم سي آفيس جي دوري دوران ڪيو. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ٻڌايو ته رڳو ڪراچي ۾ کاڌي پيتي جي شين جي ڪاروبار سان لاڳاپيل تقريبن 10 لک ۽ مختلف بيمارين جي لاءِ خون جي ٽيسٽ ڪرائڻ ضروري آهي. مجوزه ليب سنڌ صوبي جي فوڊ هينڊلرز لاءِ رعايتي فيس سان خون جي جانچ جي سهولت فراهم ڪندي. هن اميد ظاهر ڪئي وئي ته اها ڊيٽا وفاقي حڪومت لاءِ به مددگار ثابت ٿيندي جيڪو فوڊ هينڊلرز جي حوالي سان سمورن صوبن مان جمع ڪرڻ واري پروگرام تي به ڪم ڪري رهي آهي. رت ٽيسٽ ڪرائيندڙ فوڊ هينڊلرز پوري ملڪ ۾ ملازمت حاصل ڪرڻ جا اهل ٿيندا. ان موقعي تي ڊائريڪٽر فنانس سنڌ فوڊ اٿارٽي مسعود پٽو ۽ ٻيا موجود هئا. ان ڪانسواءِ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ڪي ايم سي جي آفيسرن سان گڏ پيپلز چورنگي تي واقع ڊائريڪٽر هيلٿ کي ايم سي جي عمارت ۾ موجود مجوزه ليب جو دورو پڻ ڪيو ۽ اهو طئي ٿيو ته عمارت مان غير ضروري سامان ڪڍرايو وڃي، جلد هي عمارت سنڌ فوڊ اٿارٽي جي حوالي ڪئي ويندي.

بقايا 17

منشور تيار ڪري ورتو آهي. عوام جي اميدن تي پورا لهنداسين. عوام جي زندگي تبديل ڪئي سين ته سڄو ملڪ تبديل ٿي ويندو.

بقايا 18

بورڊ جا معاملا عبوري مئنجمينٽ ڪميٽي جو چيئرمين ذڪا اشرف ڏسي رهيو آهي جنهن جي مدي ۾ هلندڙ مهيني ئي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ واڌ ڪئي هئي.

بقايا 19

جو چوڻ آهي ته وزيراعظم گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد سان ملاقات ڪندو، ڪيترن ئي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ڪيون وينديون. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اڄ ٽن ڏينهن جي دوري تي گڏيل عرب امارات روانو ٿيندو پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته نگران وزيراعظم ٽن ڏينهن جي دور دوران گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد سان ملاقات ڪندو جنهن دوران سياسي، معاشي، واپاري ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ بابت ڳالهيون ڪيون وينديون. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، ٻنهي اڳواڻن ۾ ملاقات دوران ثقافت ۽ بچاءَ جي شعبي ۾ سهڪار توڙي عوامي رابطا وڌائڻ بابت به ڳالهيون ڪيون وينديون. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته نگران وزيراعظم دوري دوران گڏيل عرب امارات سان ڪيترن ئي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ڪيون وينديون

بقايا 20

روڊ تي موجود نجي شاپنگ مال ۾ ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو باهه لڳي وئي هئي. سرڪار جي فرياد تي داخل ڪيل ڪيس ۾ مال جي انتظاميا، بلڊر، نقشو منظور ڪندڙ آفيسر ۽ فائربرگيڊ سان گڏ کي اليڪٽرڪ کي به نامزد ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ قتل، لاپرواهي ۽ نقصان رسائڻ جا ڪلم شامل ڪيا ويا آهن. ايف آءِ آر موجب عمارت جو نقشو غير قانوني طريقي سان منظور ڪيو ويو عمارت ۾ باهه وسائڻ جا اوزار ۽ هنگامي خارجي رستو به نه هو ان ڪانسواءِ کي اليڪٽرڪ ۽ فائر برگيڊ ناقص مٽيريل جي باوجود اين او سي جاري ڪئي جنهن جي ڪري انهن کي به ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو آهي.

بقايا 21

افغانين جو چوڻ هو ته پاسپورٽ ۽ ويزا هجڻ باوجود کين ايران مان ڪڍيو ويو. ان کانسواءِ ڪجهه افغانين ٻڌايو ته ايراني اهلڪارن ڪجهه افغاني شهرين جا پاسپورٽ ۽ ويزا ڦاڙي زبردستي کين ملڪ مان بي دخل ڪيو واضح رهي ته ان کان اڳ پاڪستاني حڪومت ملڪ ۾ غير قانوني طور ترسيل پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ 31 آڪٽوبر جي ڊيڊ لائين ڏني هئي. جنهن کان پوءِ پاڪستان مان بي دخل ڪيل افغانين جو انگ 2 لک کان ٽپي ويو آهي.

بقايا 22

پتا خوري جي دعويٰ ڪندو هو ايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدار ڪيترن ئي ٽريول ايجنسين کي ڌمڪيون ڏئي ڀتا وصول ڪندا هئا. جڏهن ته جوابدار پيٽرول ۽ ڊيزل ايجنسين کان به ڀتا خوري جي نالي تي وڏي رقم وصول ڪندا هئا. ايف آءِ اي موجب جوابدار وٽان افغان شهري ڪارڊ ۽ جعلي ايف آءِ اي ڪارڊ به هٿ ڪيو ويو آهي. جوابدار کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 23

بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 24

ڪوليون وينديون، ميڊيڪل اسٽور، پيٽرول پمپ، بيڪري، گراسري اسٽور، يوٽيلٽي اسٽور، ڪال سينٽر ۽ آئي ٽي سينٽرز تي پابندي لاڳو نه ٿيندي. لاهور مال روڊ اڄ هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند هوندو، مال روڊ تي رڳو سائيڪل سوارن ۽ پيادلن کي وڃڻ جي اجازت هوندي.

بقايا 25

لاءِ سيڪيورٽي پلان کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ پوليس انتظاميه ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪاتا اڄ سومر تي اجلاس ڪندا ميڊيا رپورٽ موجب هن کان اڳ خاص عدالت (آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ) پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان ۽ وائس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي 28 نومبر لاءِ گهرائڻ جا سمن جاري ڪيا هئا هن چيو ته عمران خان جي پيشي دوران امن امان جي صورتحال ڪنٽرول ۾ رهڻ جي اميد آهي چوڻ پي ٽي آئي جي تمام گهٽي قيادت گرفتاري کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي چڪي آهي يا پارٽي ڇڏي وئي آهي جڏهن ته پوليس جي اسپيشل برانچ ۽ لاڳاپيل ٻين ڪاتن ڳجها اطلاع گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جيڪي سنڌن حفاظتي رٿابندي ۾ مدد ڪندا. هن ٻڌايو ته عمران خان کي جڊيشل ڪمپليڪس تائين آڻڻ لاءِ 3 رستا آهن هڪ پشاور روڊ، ٻيو اسلام آباد ايڪسپريس وي ۽ ٽيون رستو مري روڊ آهي ذريعن ٻڌايو ته عمران خان کي جيل کان جڊيشل ڪمپليڪس تائين ڪٺي وڃڻ لاءِ اوليتي چونڊ پشاور روڊ هوندو هن چيو ته اڳاري تي

بقايا 26

ريڊ زون کي جزوي طور تي سيل ڪرڻ جو امڪان آهي ان کان سواءِ ريڊ زون ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ اهم حساس هنڌن کي به سيل ڪرڻ جو امڪان آهي جڊيشل ڪمپليڪس کي پوليس ۽ نيم فوجي دستا گهيري ۾ آڻي وٺندا ان کان سواءِ جڊيشل ڪمپليڪس ڏانهن ويندڙ پوائنٽس ۽ رستن کي سيل ڪرڻ جو امڪان آهي هن چيو ته گادي واري هنڌ جا اهم هنڌ مثال طور فيض آباد، زيرو پوائنٽ، سرينگر هاءِ وي ۽ ريڊ زون ويجهو دستا مقرر ڪرڻ جو امڪان آهي.

ڪنڊ جي قيمت 600 رپيا گهٽجي وئي آهي، هول سيل مارڪيٽ ۾ 100 ڪلو ٻوري 12 هزار 800 رپين مان گهٽجي 12 هزار 200 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي آهي. جڏهن ته في ڪلو ڪنڊ 122 رپين ۾ وڪرو ڪئي پئي وڃي. ڪنڊ جي هول سيل قيمت گهٽجڻ ڪانپوءِ عام دڪانن تي به ڪنڊ سستي ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 27

ڊپارٽمينٽ حوالي ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تاريخي ماڳ ڀنڀور تي سنڌ جي مختلف يونيورسٽين جي شاگردن، اٽلي جي ماهرن جي ٽيم ۽ سنڌ آرڪيالوجي ڊپارٽمينٽ عملدارن گڏجي کوٽائي جو پنجون مرحلو شروع ڪيو. کوٽائي دوران هاٿي جا ڏند، نڪر جا ٽانو ۽ ٻيون نوادرات مليون آهن جن کي وڌيڪ تحقيق لاءِ آرڪيالوجي ڊپارٽمنٽ حوالي ڪيو ويو آهي کوٽائي ڪندڙ ماهرن اڳرو فيرس زاهدان قادري ۽ ٻين ٻڌايو ته کوٽائي دوران انساني هڏا، ٺڪر جا ٿانو ڌنڌ مليا، اهي هاٿي هندستان يا آفريڪا جي ملڪن ٿي سگهن ٿا جڏهن ته زمين اندر دفن ٿيل پراڻي زماني جون شيون مليون به آهن هنن چيو ته ڀنڀور جا پڙ مٽي هٽڻ ڪري تاريخي پٽ بڻجي چڪا آهن. پٽ جي کوٽائي دوران اڃان وڌيڪ قيمتي شيون پڻ هٿ اچي سگهن ٿيون. هنن ٻڌايو ته گذريل سال کوٽائي دوران جانورن جا سڱ، پٽل جا سڪا، مٽي جا رانديڪا، جانورن جا هڏا، هاٿي جا ڏندن هڪ 80 ڪلووزني ڊرم ۽ ٻيون نوادرات هٿ آيون هيون جن تي اڃان تحقيق جاري آهي. کوٽائي دوران مليل نوادرات کي آرڪيالوجي ڊپارٽمينٽ حوالي ڪيو آهي ته جيئن خبر پئجي سگهي ته اهي شيون ڪيتريون پراڻيون ۽ شهر ڪيترو قديمي آهي.

بقايا 28

برگيڊ کي نامزد ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. گذريل ڏينهن راشد منهاس روڊ تي شاپنگ مال ۾ باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 11 ڄڻا فوت ٿيا، واقعي جو ڪيس سرڪاري فرياد تي انتظاميا، بلڊر، نقشو منظور ڪندڙ آفيسر ۽ فائر برگيڊ سان گڏ کي اليڪٽرڪ خلاف به داخل ڪيو ويو آهي. ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب مال ۾ باهه جي ڪيس ۾ فائر برگيڊ کي نامزد ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته متاثر مال ڪنٽونمينٽ بورڊ فيصل جي حدن ۾ آهي. ان سان ڪي ايم سي جو ڪو واسطو ناهي. سندس موجب نقشو ڪي ايم سي يا ايس بي سي اي نه ڪنٽونمينٽ بورڊ منظور ڪيو هو. اوڳاڙيون ڪنٽونمينٽ بورڊ وٺندو آهي. عمارت کي ريگيولرائز به ڪنٽونمينٽ بورڊ ڪيو مرتضيٰ وهاب طنز ڪندي چيو ته مان ايف آءِ آر داخل ڪندڙن کي سلام پيش ڪيان ٿو.

بقايا 29

چيو ته نظرياتي ڪارڪن پارٽي ۾ شفاف چونڊن لاءِ اڳيان اچن پنهنجي بيان ۾ اڪبر ايس بابر انٽرا پارٽي اليڪشن جي ملڪ گير مهم شروع ڪرڻ جو به اعلان ڪيو ۽ چيو ته ڪارڪن انٽرا پارٽي اليڪشن کي يقيني بنائڻ لاءِ متحرڪ ٿين ڪارڪنن کي پارٽي کي تباهي کان بچائڻ لاءِ اڳيان اچڻو پوندو واضح رهي ته 23 نومبر تي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي انٽرا پارٽي چونڊن بابت محفوظ فيصلو ٻڌايو هو ۽ پي ٽي آئي کي مشروط طور تي عام چونڊن ۾ بيٽ جو چونڊ نشان برقرار رکيو هو ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 5 رڪني ڪميشن محفوظ ڪيل فيصلو اليڪشن ڪميشن جي آفيسر صائم جنجوعا پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ چيو ويو ته 20 ڏينهن اندر ٻيهر اليڪشن ڪرائي وڃي ۽ اليڪشن کان پوءِ 7 ڏينهن ۾ رپورٽ جمع ڪرائي وڃي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي

انٽرا پارٽي اليڪشن بابت 13 سيپٽمبر تي فيصلو محفوظ ڪيو هو انٽرا پارٽي چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي کي نوٽيس جاري ڪيو هو اڪبر ايس بابر پي ٽي آئي جي باني اڳواڻن ۾ ليکيو وڃي ٿو جڏهن ته هن تحريڪ انصاف کي پاهرين فنڊنگ جو الزام مڙهندي عدالت سان رجوع ڪيو هو ۽ اليڪشن ڪميشن ان جي درخواست تي پي ٽي آئي تي بندش ٻيل فنڊنگ ڪيس جو الزام درست قرار ڏنو هو.

بقايا 30

جو سکر جي مقامي هال ۾ شروع ٿيندڙ ڪنونشن کي مرڪزي امير سراج الحق، نائب امير لياقت بلوچ، اسدالله ڀٽو، ڊاڪٽر معراج الهديٰ صديقي، صوبائي امير محمد حسين محنتي، ممتاز حسين سهتو سميت ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندا جڏهن ته اتر سنڌ جي ضلعن مان صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جا مرد توڙي عورت اميدوار پڻ شرڪت ڪندا. هوڏانهن صوبائي ناظم انتخاب ايڊوڪيٽ ممتاز حسين سهتو اپر سنڌ جي ضلعن جو دورو، انتخابي ڪميٽين سان صلاح مشوري بعد اميدوارن جي فائنل لسٽ تيار ڪري ورتي آهي جڏهن ته سکر جي ضلعي امير ۽ ناظم اجتماع مولانا حزب الله جکرو سان گڏجي انتخابي ڪنونشن سينٽر جو دورو ڪري انتظامن کي آخري شڪل ڏني.

بقايا 31

شروعات ٿيندي ئي سکل ميوي جي دڪانن تي خريدارن جو رش وڌي ويندو آهي پر خشڪ ميوي جا اگهه آسمان تي پهچي وڃڻ سبب اڄڪلهه خشڪ ميوي جي دڪانن تي خريدارن جو انگ تمام گهٽ آهي. پستا جيڪو گذريل سال 2600 رپيا في ڪلو وڪرو ٿيندو هو هاڻي 4000 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي. اهڙي طرح بادام 2200 رپيا في ڪلو، ڪاجو 2800 رپيا في ڪلو ڪاجو 3800 رپيا في ڪلو ڪاجو 7 هزار رپيا، اخروٽ 800 رپيا، انجير 3600 رپيا ۽ ڪشمش 1400 رپيا في ڪلو آهي. خشڪ ميوو مهانگو ٿيڻ سبب خريدارن جو انگ گهٽجڻ سبب واپاري به سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته حڪومت مهانگائي گهٽائڻ لاءِ عملي قدم کڻي ته جيئن هر خاص ۽ عام خشڪ ميوو استعمال ڪري سگهجي.

بقايا 32

پراجيڪٽ جي گاڏين، ريسارٽ ۽ پيٽرول جي استعمال ۾ وڏيون بي ضابطگيون سامهون اچي رهيون آهن. جسٽس مقبول چيو ته پراجيڪٽ جي گاڏين تي 18 ڊرائيور مقرر آهن پر اهي ڊيوٽي پرائيويٽ ماڻهن سان گڏ ڪندا آهن. گورک هل ريسارٽ ۾ 12 باورچي رکيا ويا آهن. ان باوجود پراجيڪٽ جي بهتري لاءِ ڪم نه پيو ٿئي، پراجيڪٽ ۾ 140 ملازم آهن پر ڪو به ڪم ناهي ڪندو. هن گورک هل پراجيڪٽ ڊائريڪٽر کي وضاحت ڏيڻ ۽ چيف سيڪريٽري کي پراجيڪٽ تي مڪمل جاچ جي هدايت ڪندي چيو ته گورک هل پراجيڪٽ فنڊ عوام جي تفريح ۽ سهولت لاءِ آهن. ڪجهه من پسند ماڻهن کي نوازڻ لاءِ نه. فنڊن جو غلط استعمال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو.

بقايا 33

اجي 20 سالن جي جنگ کان به وڌيڪ آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته اسرائيل عراق جنگ جي پهرين سال جي مقابلي ۾ 7 هفتن جي هوائي حملن ۾ به پيرا وڌيڪ شهري ماريا ۽ غزه ۾ 48 ڏينهن ۾ شهري مارجي ويا يوڪرين جي جنگ جي 2 سالن کان به وڌيڪ آهن. آمريڪي اخبار موجب غزه جنگ جي پهرين ٻن هفتن ۾ اسرائيل طرفان غزه تي ڪيرايل 90 سيڪڙو بم هڪ هزار کان 2 هزار پائونڊ وزني هئا.

بقايا 34

۾ اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ميڊيا ۾ نواڻ لاءِ نئين ٽيڪنالوجي اختيار ڪرڻي پوندي هن اهڙن خيالن جو اظهار اڄ ڏينهن پاڪستان ٽيليويزن لاهور سينٽر جي دوري ۽ پي ٽي وي جي 59هين سالگرهه جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي به ان سان گڏ هو جڏهن ته جي ايم پي ٽي وي لاهور سينٽر، قاري سيد صداقت علي سميت ملازم ۽ ٻيا به ان موقعي تي موجود هئا وفاقي وزير ج يو ته پي ٽي وي قومي وحدت جي علامت ۽ اسان سيني جي ثقافتي ۽ سماجي سڃاڻ جو مظهر آهي هن چيو ته پاڪستان ٽيليويزن جي بهترين نشريات جو 59هون سال سفر قومي تشخص ۽ روشن روايت جو امين آهي پي ٽي وي جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد ڪيل هن تقريب ۾ اچڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن چيو ته مون کي خوشي آهي جو پاڪستان ٽيليويزن اڄ پنهنجي 59هين سالگرهه ملهائي رهيو آهي مان مڙجي ملازمن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو وفاقي وزير چيو ته منهنجي لاءِ اها ڳالهه به تمام خوشي واري اهي جو اڄ اسان لاهور ۾ اتي بيٺا آهيون جتي 59 سال اڳ ويجهي عمارت ۾ هڪ ٽينٽ ۾ منهنجي استاد اسلم مرزا صاحب پي ٽي وي جي هي ٽرانسميشن شروع ڪرائي مون کي يقين آهي ته هو پي ٽي وي جي هن شاندار سفر تي مرڪندي هوندو هن چيو ته حڪومت ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ سڌارا ڪري رهي آهي اسان ڀهريان ريڊيو پاڪستان ۾ سڌارا ڪيا آهن هاڻي پوري انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ س ڌارا ڪرڻ وارا آهيون ته جيئن انهن شعبن جي ڪارڪردگي کي اڃا وڌيڪ وڌائي سگهجي. مرزا سولنگي ۽ محسن نقوي پي ٽي وي ملازمن سان گڏجي 59هين سالگرهه جو ڪيڪ به ڪٽيو ۽ کين مبارڪون ڏنيون جنهن کان پوءِ نگران وفاقي وزير ۽ وڏي وزير پي ٽي وي لاهور سينٽر جا مختلف حصا ڏٺا.

بقايا 35

ڪرڻ لاءِ عمارت جي حوالگي لاءِ ڪي ايم سي ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي وچ ۾ هڪ مفاهمتي ياداشت تي جلد صحيحون ڪيون وينديون. هي ليب ايم سي جي غير فعال سينٽرلائزڊ بل بئنڪ جي احاطي ۾ قائم ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين، سينيئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سروسز ڪي ايم سي آفيس جي دوري دوران ڪيو. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ٻڌايو ته رڳو ڪراچي ۾ کاڌي پيتي جي شين جي ڪاروبار سان لاڳاپيل تقريبن 10 لک ۽ مختلف بيمارين جي لاءِ خون جي ٽيسٽ ڪرائڻ ضروري آهي. مجوزه ليب سنڌ صوبي جي فوڊ هينڊلرز لاءِ رعايتي فيس سان خون جي جانچ جي سهولت فراهم ڪندي. هن اميد ظاهر ڪئي وئي ته اها ڊيٽا وفاقي حڪومت لاءِ به مددگار ثابت ٿيندي جيڪو فوڊ هينڊلرز جي حوالي سان سمورن صوبن مان جمع ڪرڻ واري پروگرام تي به ڪم ڪري رهي آهي. رت ٽيسٽ ڪرائيندڙ فوڊ هينڊلرز پوري ملڪ ۾ ملازمت حاصل ڪرڻ جا اهل ٿيندا. ان موقعي تي ڊائريڪٽر فنانس سنڌ فوڊ اٿارٽي مسعود پٽو ۽ ٻيا موجود هئا. ان ڪانسواءِ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ڪي ايم سي جي آفيسرن سان گڏ پيپلز چورنگي تي واقع ڊائريڪٽر هيلٿ کي ايم سي جي عمارت ۾ موجود مجوزه ليب جو دورو پڻ ڪيو ۽ اهو طئي ٿيو ته عمارت مان غير ضروري سامان ڪڍرايو وڃي، جلد هي عمارت سنڌ فوڊ اٿارٽي جي حوالي ڪئي ويندي.

بقايا 36

ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ به نينگر ۽ هڪ عورت فوت ٿي ويا جڏهن ته 33 ڄڻا زخمي ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي خيرپور اسپتال منتقل ڪيو. فوتين جي سڃاڻپ نينگر محمد عمر، محمد فيضان ۽ مسمات راڻي طور ٿي. زخمي مسافر ۾ غلام سڪينه، مائي تنوير بيبي، شهناز، شازيا، محمد نعيم، محمد وسيم، عادل پٽي، الله بچايو يوسف، مهرين، عدنان، بانو بيگم ۽ ٻيا شامل آهن زخمين مان 5 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا 37

افغانين جو چوڻ هو ته پاسپورٽ ۽ ويزا هجڻ باوجود کين ايران مان ڪڍيو ويو. ان کانسواءِ ڪجهه افغانين ٻڌايو ته ايراني اهلڪارن ڪجهه افغاني شهرين جا پاسپورٽ ۽ ويزا ڦاڙي زبردستي کين ملڪ مان بي دخل ڪيو واضح رهي ته ان کان اڳ پاڪستاني حڪومت ملڪ ۾ غير قانوني طور ترسيل پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ 31 آڪٽوبر جي ڊيڊ لائين ڏني هئي. جنهن کان پوءِ پاڪستان مان بي دخل ڪيل افغانين جو انگ 2 لک کان ٽپي ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

وقت ملڪ اندر غربت جي شرح تمام گهڻي وڌي چڪي آهي جنهن ڪري غريب پنهنجو گذر سفر به سورن سان ڪري ٿو ان صورتحال کي مد نظر رکندي يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت پاڪستان نوجوانن کي مختلف تربيتي ڪورس ڪرائڻ سان گڏ روزگار اسڪيم شروع ڪئي آهي جنهن تحت پهرئين مرحلي ۾ ڪاهي ممن جي ٻن نوجوانن بشير احمد ميمڻ ۽ شڪيل احمد ميمڻ کي رڪشا ڏنا ويا جڏهن ته ڳوٺ ڪوڙو ميمڻ جي هڪ غريب ۽ بيروزگار نوجوان امجد ميمڻ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيبن ڪرلي ڏني وئي جنهن سان هو پنهنجي گهر جو گاڏو هلائي رهيو آهي هن چيو ته انشاء الله اهو سلسلو اڳتي به جاري رهندو هن مرڪزي اڳواڻن عزيز ميمڻ، سليم ميمڻ ۽ اشفاق احمد ميمڻ جو شڪريو ادا ڪيو جن جي تعاون سان روزگار اسڪيم جي شروعات ٿي آهي

بقايا | سنڌيار | 02

ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ شرڪت، آءِ ايل ايف جي سنيئر اڳواڻ ممتاز گوپانگ، شهزاد خٽڪ، ميڊيم مهه جبين ۽ ٻين پاران وفد جي آجيان. رپورٽ موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ صدارتي اميدوار ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ عبدالوهاب بلوچ جي حمايت ۾ وفد پاران محمد ابراهيم پاهي جي اڳوائي ۾ وڪيل علي اڪبر لاکو، جوائنٽ سيڪريٽري آءِ ايل ايف عبدالغفور پيرزاده، نويد الله ايم پي ۽ ٻين پاران اليڪشن ۾ ڪئمپ تي پهچي سنيئر وڪيلن سان ملاقات ڪري سنڌ [illegible]

بقايا | سنڌيار | 03

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 04

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 05

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 06

[illegible] پرتين کان پابندي هٽائي برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول ڪولي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن. ..

بقايا | سنڌيار | 07

چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ واٽر ڪارپوريشن جا سمورا آفيسر ۽ ملازم مرحوم جي سموري ڪٽنب سان برابر جا شريڪ آهن. الله تبارڪ تعالي مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ مرحوم جي سمورن سوڳوار پونيئرن کي صبر و جميل جي توفيق عطا فرمائي آمين

بقايا | سنڌيار | 08

سياري جي برسات جو پاڻي لٿي شهر جي شاهي بازار سميت ڪچين آبادين سان گڏ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ برساتي پاڻي بيهڻ ڪري گندگي ۾ اضافي سبب شهرين سان گڏ ڳوٺاڻا به سخت پريشان بڻيل آهن. ته ٻئي طرف اطلاع آهن ته شيخ فريد چوڪ لٿي ۾ گٽرن جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ ناهيل ڊسپوزل بند هجڻ سبب برسات توڙي گٽرن جو گندو پاڻي لٿي شهر جي شاهي بازار ۾ ڪاهي پيو. جنهن سبب شاهي بازار سان گڏ پراڻي مڇيءَ مارڪيٽ، سونارا بازار سميت مختلف گلين ۾ پاڻي بيهڻ ڪري شهري توڙي واپاري سخت پريشان آهن. ٻئي طرف ڪڻڪ جي تازي پوکيل فصل کي به سياري جي برسات ڪافي نقصان رسايو آهي. جڏهن ته ڪچن گهرن جا رهواسي پوره يت به سردي ۾ اضافي توڙي پيل برسات سبب سخت پريشان اهن. جن وس وارن کان واهر جي اپيل ڪئي آهي جڏهن ته موسميات کاتي پاران ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي پڻ ڪئي وئي آهي

بقايا | سنڌيار | 09

قاتلن جي گرفتاري لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 105 ڏينهن به جاري رکي شهيد جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي،نصر وسير، سليم سهتو عمر

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 10

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 11

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 12

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 13

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 14

[illegible] جي ترقي ۽ تعمير سونهن سڌاري ۽ بهتري لاءِ منهنجون ڪوششون جاري آهن ڪافي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن باقي جيڪي علائقا رهيل آهن انهن ۾ رهيل مڪمل ڪيا ويندا اسان جي ڪوشش آهي ته هن شهر کي ماڊل شهر بنايون ۽ نوجوانن جي مستقبل لاءِ اسان سڀ گڏجي بهتري آڻيون جنهن ڪري اسان مورو شهر ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا اچون پيا عوام جي طاقت سان اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي مورو شهر ۾ خدمت تاريخي مثال قائم ڪنداسين ۽ نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪنداسين هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ئي عوام جي حقيقي جماعت آهي جيڪا عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي جنهن سدائين سنڌ جي عوام کي باعزت روزگار فراهم ڪيو آهي روڊ رستا اسڪول اسپتالون قائم ڪرايا آهن جنهن ڪري هر اليڪشن ۾ سنڌ جو عوام پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏئي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪري اقتدار تائين پهچايو آهي ۽ هاڻي 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ان موقعي تي شموليت ڪندڙ سيال برادري جي معززين ۽ ٽيڪ مردن چيو ته اسان اڌ صدي کان جتوئي خاندان سان گڏ رهياسين اتي ب اسان کي عزتون مان ۽ مرتبو مليو ۽ اسان پڻ سچائي سان جتوئي خاندان سان بيٺا رهياسين هاڻي اسان جتوئي خاندان جو ساٿ ڇڏي الوداع ڪري پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيا آهيو هاڻي اسان جيئڻ ۽ مرڻ پي پي پي سان آهي

بقايا | سنڌيار | 15

رهي.انهي سلسلي ۾ ڳوٺ روي هنگورجا ۽ ٽرڪرل بلاڪ ٽو سميت ويجهن علائقن تي برفباري پڻ ٿي.ٿر جي تاريخ ۾ پهريون وڏي تعداد ۾ ڳڙن سان گڏ ٿيل برفباري مارولڙن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي برسات دوران ڪنوڻ ڪرڻ سبب ڳوٺ ڏيپار ۾ 2 عورتون ۽ ڳوٺ هوتي تڙ ۾ هڪ نوجوان پلجي پيل زخمي ٿي پيا جن کي مٺي ۾ اسلام ڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو ان کان سواءِ تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ وڏي تعداد ۾ چوپائي مال مرڻ جا اطلاع مليا آهن جڏهن ته

ڳڙن ۽ برفباري سان گڏ پيل برسات سبب هارين جو ڪرن ۾ رکيل اناج پڻ خراب ٿي ويو آهي ۽ غريب هارين کي لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي.برفباري سبب سيءَ ۾ رڪارڊ اضافو ٿي ويو آهي.جنهن مارولڙن جي مشڪلاتن ۾ بيحد اضافو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 16

ڊي سي بدين ڪاب ڪاروائي نه ڪئي آبادگار چيٽ جا فصل پوکڻ لاءِ پريشان خبر موجب ڪيڻ شهر ۽ ڀر پاسي واري علائقن جن ۾ ولهاري سيارسي ستياري صوفي جودڪو ۽ ٻين علائقن ۾ چيٽ جا فصل جن ۾ ڪڻڪ آهريو توريو سورج مکي ۽ ٻين فصلن جي پوکي شروع ٿيندي ٿي پاڻ جي واپارين بليڪ مارڪيٽنگ شروع ڪري ڇڏي شهر ۾ پاڻ جي ڊيلرن زبير مرتضا ڪاشف ميمڻ ڪنيا لعل اختر خواجا ڪاشف خواجا فضل خواجا شفقت خواجا دولت رام وٽ لائيسنس هئڻ جو فائدو وٺندي سرڪاري اگهه تي پاڻ خريد ڪري پنهنجي من پسند ريٽ سان وڪرو ڪرڻ لڳا جن ۾ يوريا 37 سو واري 5300 ڊي اي پي 13900 واري 16000 هزار ۾ وڪڻڻ لڳا چيٽ جي فصل جي پوکي بابت آبادگارن نظير سردار اعجاز ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو پاڻ جي واپارين جا پاڻ جا ريٽ ڳاٽي ٽوڙ هئڻ ڪري اسان چيٽ جا فصل نٿا پوکي سگهون اسان جون ذرخيز زمينون بنجر ٿي رهيون آهن هن وڌيڪ چيو جڏهن اسان جا فصل لهي مارڪيٽ ۾ اچن ٿا تڏهن اسان کان پڳڙن جي مٺ تي خريد ڪيا وڃن ٿا جنهن سان اسان جو فصلن تي ڪيل خرچو به نٿو نڪري هن ڊي سي بدين اي سي بدين کان مطالبو ڪيو بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي چيٽ جي فصلن جي ٿيندڙ پوکي کان متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 17

مطالبو وارهه ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران ٻ ٻ شهيد ڀٽو ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر جان محمد بروهي ۽ اياز ميرجت متان قمبر ۾ سيپڪو عملي پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف ڪارڪنن محرم صاحباڻي ذوالفقار صاحباڻي سروبچ چانڊيو نذير چتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي تعلقه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قمبر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي ضلعي صدر جان محمد بروهي ۽ اياز ميرجت متان سيپڪو جي لائين سپريڊنٽ لال محمد راهوجو پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. هن چيو ته سيپڪو عملي جون ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ غريب سيپڪو جي واهپيدارن سان ناجائزيون وڌي ويون جنهن ڪري غريب ماڻهن جون دانهون نڪري ويون آهن. سيپڪو عملي جون ناجائزيون مذمت جوڳو عمل آهي. هن مطالبو ڪيو ته شهيد ڀٽو ٻ شهيد ڀٽو قمبر شهدادڪوٽ جي ضلعي صدر جان محمد بروهي ۽ اياز ميرجت متان داخل ڪيس ختم ڪرائي. سيپڪو عملي جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي عملي جي ڪيل ڪرپشن جي نيب کان جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 18

تي وڪرو ڪندڙ دڪاندارن مافيا خلاف ڪاروائي جو مطالبو دولت پور شهر توڙي ڪڇي ۽ پڪي جي ۽ مختلف شهرن ۾ آباد گار زبردست پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن ان حوالي سان دولت پور نواب ولي محمد سرڪاري ڪوهه ڳوٺ سعيد ڪندو ۾ يوريا، ڊي اي پي پاڻ جي بليڪ تي وڪرو ڪندڙ واپارين خلاف آبادگار روڊن تي نڪري آيا ان موقعي تي متاثر آباد گارن مشتاق رند، پٺاڻ بروهي، اڪرم رند غلام مصطفي گاڏيجو محمد اشرف جوڻيجو ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته زراعت کاتي ۽ لاڳاپيل انتظاميا جي عدم دلچسپي سبب واپاري پاڻ جا من پسند اگهه وٺي رهيا آهن. مقامي واپاري بليڪ مارڪيٽنگ ڪندي يوريا جي في ٻوري 5 هزار ۽ ڊي اي پي 16 هزار تي ڪيائي آبادگار کي لٽي رهيا آهن. هنن چيو ته پاڻ جي بليڪ تي وڪرو ڪندڙ منافعي خور واپارين خلاف ڪاروائي ڪري آباد گارن کي مناسب ريٽ تي ڪلر ڏئي ڪروڙين روپين جا فصل تباهه ٿيڻ کان بچايا وڃن

بقايا | سنڌيار | 19

ان سلسلي ۾ 12 ڏينهن اڳ 15 نومبر تي اسٽيل ٽائون ٿاڻي تان پراسرار نموني گم ٿي ويل پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جي ڀاءُ سيد غلام مصطفي شاهه پاران هاءِ ڪورٽ سنڌ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل ڪرائيندي ڄاڻايو آهي ته 12 ڏينهن اڳ 15 نومبر تي سندس ڀاءُ سيد نظر محمد شاهه کيس فون ڪري ٻڌايو ته اسٽيل ٽائون ٿاڻي ڪراچي تي DSP آفيس ۾ سائس سول ماڻهن جهيڙو ڪيو آهي، جنهن بعد سندس فون بند ٿي ويئي، جنهن بعد سائس ڪو رابطو ناهي ٿيو. 16 نومبر تي آءِ اسٽيل ٽائون ٿاڻي ڪراچي تي پنهنجي ڀاءُ جي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ DSP ۽ SHO اسٽيل ٽائون ڪراچي سان ملاقات ڪري ڪاڻش ڄاڻ ورتي، جن ٻڌايو ته نظر محمد شاهه کي DSP شاهنواز ميمڻ ڪنهن انڪوائري لاءِ گهرايو. جتي موجود علي سيال ۽ ان جي پٽ سان منهن ماري ٿي هئي، جنهن بعد سيد نظر محمد شاهه DSP آفيس مان ٻاهر نڪري ويو، پوءِ ڪين ڪاٻ خبر ناهي. توهان ASIسردار علي گجر سان وڃي ملو اهو توهانکي ڄاڻ ڏيندو. پر هن به منهنجي ڀاءُ کان لاتعلقي ڪندي چيو ته ڪيس سندس ڀاءُ جي گم ٿيڻ جي خبر ناهي. توهان پاڻ وڃي ڳوليو هن ڄاڻايو آهي ته پوليس کي سڀ خبر هوندي به بي خبر بڻيل آهي. جن وٽان منهنجو ڀاءُ گم ٿيو آهي. هن عدالت کي التجا ڪئي ته سائس انصاف ڪري گم ٿي ويل سندس ڀاءُ جي ڳولا ۾ پوليس کي پابند بنايو وڃي. جن وٽان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي. عدالت ڊي ايس پي، ايس ايچ او ۽ اي ايس آءِ اسٽيل ٽائون ڪراچي کي نوٽيس جاري ڪندي عدالت ۾ جواب لاءِ طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا | سنڌيار | 20

سان ثقافت جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو تقريب ۾ يوسي ماڙيپور جي چيئرمين سيف الله نور پي پي اڳواڻ نذير جسڪاڻي وسيم جسڪاڻي اڳوٺي چيئرمين ڪامريڊ صاحب خان جسڪاڻي سنڌ جي اديب ۽ محقق غلام رباني آگرو جي فرزند عزيزالرحمان آگرو بلوچستان کان کهي آيل شهزاد احمد سومرونيشنل پارٽي جي غلام نبي ٻهراڻي ويلفيئر جي صدر بشير سنجراڻي ماما ايوب ساسولي شير علي جسڪاڻي لياقت برهماڻي آصف ٻهراڻي ۽ وسيم عطر ٻهراڻي ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ سنڌ جي سريلي فنڪار بشير جتوئي قومي گيت ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ تي هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر جو شڪريو ادا ڪن ٿا هنن چيو ته سنڌ جي عظيم ثقافت جا اسين وارث آهيون اسانجي ثقافت ۾ ٻيائي کي مان ڏيڻ وڏن جو احترام ڪرڻ اسانجي فرض ۾ شامل آهي سنڌن چوڻ هو ته اسين هي ڏهاڙو قومي عيد طور ملهائيندا آهيون تقريب ۾ آيل معزز مهمانن ۽ صحافين کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ اوڍهايا ويا

بقايا | سنڌيار | 21

اڪرم چنا ممتاز ملاح جاويد راڄپر اشفاق ڏاهري الهه ورايو ملاح ساجد آرائين اياز پلي ۽ ٻين چيو ته اسان بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ آهيون اسان مسلسل ٻن سالن کان سراپا احتجاج آهيون جڏهن ته سنڌ حڪومت پاران هارڊ ايريا وارن کي 33 کان 39 مارڪن تي پاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو جڏهن ته اسان جو علائقو به هارڊ ايريا ۾ اچي ٿو جڏهن ته سنڌ حڪومت صرف پنهنجي من پسند علائقن کي هارڊ ايريا قرار ڏئي رهي آهي جيڪا اسان سان ناانصافي آهي. هنن چيو ته هڪ سنڌ ۾ هڪ پاليسي هجڻ گهرجي ليڪن سنڌ حڪومت ڏارين جي واٽ تي هلندي سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش ڪري رهي آهي اسان کي اميد آهي ته 28 تاريخ تي ڪورٽ سڳوري اسان کي حق ۾ فيصلو ڏئي سوين بيروزگار نوجوانن سان انصاف ڪندي اسان کي انصاف جي اميد آهي

بقايا | سنڌيار | 22

لڳ بوٽو لڳائي گرين بيلٽ جو افتتاح ڪيو جنهن بعد انڪروچمينٽ .ڊرينج سسٽم سميت ٻين علائقائي مسئلن جي حوالي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته

صفوران ٽائون نئون ناهيو ويو آهي جنهن ۾ اجا تائين اسان کي ويهي ڪاروهنر هلائڻ لاءِ آفس ته ناهي جڏهن ته انفرا اسٽرڪچر جي سڌاري لاءِ مشينري به خراب حالت واري ڏني وئي آهي اسانکي اپاهج حالت ۾ ٽائون مليو آهي تنهن جي باوجود به ڇهن سالن جي عرصي دوران ٽائون ۾ مثال ڪم ڪرايا ويندا هن وڌيڪ چيو ته بنا ڪنهن فرق جي جي چونڊيل نمائندن ۽ ڪائونسل ميمبرن جي مشاورت سان ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي جي نمائندن طرفان روڊ جي ڦٽ پاٿن تان ڪچرو هٽائي گرين بيلٽ لڳائڻ بهترين عمل آهي اسان جي به اها ڪوشش ڪئي ته سمورن علائقن ۾ گرين بيلٽ قائم ڪيو وڃي جنهن سان خوبصورتي سان گڏ آلودگي جو به خاتمو ٿيندو ان موقعي تي يوسي 2 جي نمائندن طرفان مين فاري ۽ يونيورسٽي روڊ جي ڪليل حالت ۾ ماڻهن لاءِ موت جو پرانو بڻيل ڊرينج نالن جي صفائي ۽ سڌاري لاءِ ڪي ايم سي سميت واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي ڪري مسئلو حل ڪري ڏنو وڃي جنهن جي ٽائون چيئرمين خاطري ڪرائيندي آفيسرن کي لکپڙهه ميٽنگ جو يقين ڏيارو

بقايا | سنڌيار | 23

هن چيو ته اسان جي پارٽي جي سينيئر عهديدارن، سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ۽ سنڌ جي قيادت پاران نظر انداز ڪيو ويو. جنهن تي مان ٽٽل دل سان عهدي تان استعيفيٰ جو اعلان ڪريان ٿو. نويد ڪوسو وڌيڪ چيو ته مون ٽائون ڪميٽي نثار صديقي جي چيئرمين عهدي لاءِ فارم ڀريو هو. پر منهنجو فارم رد ڪيو ويو. منهنجي پارٽي جي صوبائي صدر حليم عادل شيخ ۽ سنڌ جي ٻين عهديدارن ۽ پارٽيءَ جي ڪنهن به منهنجي حمايت نه ڪئي. مسلسل نظرانداز ڪرڻ باوجود اڄ کان ورڪر ٿي ڪم ڪي جاري رکندس. پارٽي ورڪرجي حيثيت ۾. پر مان پنهنجي نئين تعلقي نائب صدر جي عهدي سان لاڳاپيل نه هوندس

بقايا | سنڌيار | 24

۽ مفت ۾ دوائون ڏنيون ڪئمپ صبح جو 9 وڳي کان شروع ٿي جيڪا شام جو پنجين وڳي تائين جاري رهي : ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد صادق سيال نيشنل پريسڪلب مورو جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي بک ۽ بدحالي جي ڪري معصوم ٻارڙن تي بيمارين حملو ڪيو آهي ٻارڙا نمونيا مليريا خارش قد جو نه وڌڻ پيشاب جو بند هجڻ ; پيٽ جي بيمارين جهٽڪن جي بيمارين ۾ مبتلا هئا هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ سبب غريب بيمارين ۾ جڪڙجي ويا آها; هورن مورو جي ٻاهرين شهرن ۽ ملڪن ۾ رهندڙ ڊاڪٽرن کي اپيل ڪئي ته خدارا پنهنجي شهر مورو جي مسڪين مارولڙن جي مدد ڪريو هتي فري ڪئمپون قائم ڪيو: هن وڌيڪ چيو ته حڪومت کي گهرجي ته دوائن جو قيمتون گهٽ ڪري ۽ ڊرگ انسپيڪٽرن کي گهرجي ته ميڊيڪل اسٽورن تي وڌيڪ اگهه تي وڪرو ٿيندڙ دوائن جو نوٽيس وٺي اسٽور مالڪن خلاف قدم کڻن: هن ڪئمپ ۾ صحافي استاد علي شير ڏيپر: اسڪول جي HMمحمد اشرف گلاباڻي استاد حفيظ ميمڻ ڪامريڊ محمد اسلم ڪوريجو استاد مشتاق احمد لنڊ سائين نصرالله ميمڻ احسن علي برڙو صحافي تيمور احمد راجپوت شيراز علي ڏيپر محمد حيات جويو معشوق علي ڪوريجو والنٽيئر جا فرض سر انجام ڏنا

بقايا | سنڌيار | 25

ته بابا گرونانڪ ديوجي، ماڻهن جي دلين ۾ مساوات، مالڪ حقيقيءَ جي عشق ۽ روحانيت جون روشنيون ٻاريون. سندس تعليم جو بنيادي مقصد سماجي انصاف ۽ اخلاقي اصلاح هو هن چيو ته بابا گرونانڪ صاحب جي هن ڏهاڙي تي جيڪي به مهمان اچن پيا انهن جي ڪاڏي، پيٽي ۽ رهائش جو مڪمل بندوبست آهي جيڪي تياريون اسان مهينو اڳ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. هن چيو ته اسان جو ارلين مقصد سري گرونانڪ شاهه جي تعليم جي باري ۾ معلومات عام ڪرڻ آهي ته جيئن بابا جو پيغام سيني تائين پهچي ۽ اهي صحيح معنيٰ ۾ ان جي پيغام تي عمل ڪري سگهن ته پندرهين صدي عيسوي ۾ پيدا ٿيندڙ عظيم رهنما انسانيت ۽ صرف انسانيت جو سبق عام ڪيو. جيڪو پيغام ٻين تائين پهچائڻو آهي هوڏانهن ٻهرين ڏينهن رات جو پڳٽ ڊاڪٽر سيتل داس ۽ ونود ڪمار تندو الهيار وارن جي ٽيم ستسنگ ڪيو

بقايا | سنڌيار | 26

موجب: ڀيرلوءِ لڳ ڪرم آباد موٽر وي پوليس جي آفيس لڳ قومي شاهراهه تي ڪراچي کان اينڊڙ ٽن بسن ۽ هڪ ٽرڪ جو ڏنڊ سبب خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ چار مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا. ۽ 16 مسافر سخت زخمي. جن مان 6 ڄڻن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃين. فوتين ۽ زخمين کي لوڪل ماڻهن ۽ پوليس جي مدد سان سول اسپتال خيرپور پهچايو وي. فوت ٿيلن ۾ 2 معصوم ٻار محمد عمر ولد امين چاچڙ عمر اٽڪل 2 سال. فيضان ولد محمد شريف عمر اٽڪل 6 سال ۽ مسمات رائي زال امام بخش عمر اٽڪل 65 سال ۽ هڪ ٻي عورت جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي عمر اٽڪل 30 سال فوت ٿي وئي آهي. زخمي مسافرن مان مسمات شازيه زال محمد يوسف، مسمات مهرين ڌيءُ محمد يوسف، ٻيبي شيلان ڌيءُ محمد يوسف، عادل پٽ رياض، شهباز پٽ عنايت، غلام شبير پٽ غلام رسول کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ آئي سي يو جي وارڊ منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻين زخمي مسافرن جي سڃاڻپ. الهجايو پٽ محمد بخش، محمد وسيم پٽ محمد نظير، عدنان پٽ يوسف، نديم پٽ ادريس، محمد عرفان ولد نظير، ساجد ولد راڻو وڪيل، مسمات انيسه زال محمد وسيم، مسمات تنوير ٻيبي زال محمد اصغر، مسمات بانو زال خادم حسين جي نالن سان ٿي آهي. جن جو علاج پڻ خيرپور جي سول اسپتال ۾ جاري آهي

بقايا | سنڌيار | 27

خاص ثقافتي لباس پهري شرڪت ڪئي هر طرح رنگ برنگي رنگ ٽڪريل نظر آيا ثقافتي تقريب جي مک مهانن ۾ حاڪم علي جسڪاڻي .اڳوٺو ايم پي اي منور علي وسان .صفوران ٽائون چيئرمن راشد خاصخيلي جڏهن ته صدارتي مهمان طور سينيئر صحافي ظهير ميراڻي شرڪت ڪئي پروگرام جي آرگنائيزر غوث پڳهيو .سعيد احمد پنهور زوار عبدالجبار چانڊيو آيل مهمانن کي سنڌي روايتي اجرڪن ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ثقافتي پروگرام ۾ قومي شاعر ۽ اديب بيدل مسرور ڪرم الاهي چنا .سگا سچل ڳوٺ چيئرمين ربنواز پنهور. يوسي 4 چيئرمين بشير خاصخيلي مهجبين پڳهيو .افروز ڪتير .ستيتا اوڏ. طارق پروين ۽ ٻين عورتن جڏهن ته صحافين باغي ساگر پنهوار .دلدار سيلرو .فاروق پنگوار، عامر سهريو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ثقافتي پروگرام ۾ سنڌ جي ناليوارين فنڪاره ۽ فنڪارن مارول گروپ .انور حسين زرداري .علي حسن خاصخيلي .شازيا بانو قومي ۽ صوفيانا ڪلام ڳائي ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسين قديم روايتن ۽ تهذيب واري سنڌ جا وارث آهيون پنهنجي ۽ ثقافت سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون باشعور ٿيڻ لاءِ اسان کي تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي اڄ جي جديد دور ۾ عام معلوماتي تعليم گڏ ڪمپيوٽر جي تعليم تي ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سنڌ جو هر باشعور ماڻهو روشن مستقبل جو ضامن آهي ثقافتي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ عزم ورجايو ته 3 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙي عيد خوشي جيان ملهايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 28

اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ال پارٽيز ڪانفرنس کي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري. ايس يو پي صدر شرف دين انڙ. ٻ ٻ شهيد ڀٽو اڳواڻ وقار بوزدار. ايڊوڪيٽ نديم ملانو جساف اڳواڻ سردار شهريار مرتاس. آبادگار هاري ڪاميٽي اڳواڻ ڏاڏو ڍهر لياقت لاشاري. جسقم اڳواڻ ديشي ثناءُ الله چاچڙ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي ضلع ۾ به وڏيون ڪاڌ جون فيڪٽريون هجڻ باوجود گهوٽڪي ضلع جا آبادگار هاري ڪاڌ لاءِ پريشان آهن. هنن چيو ته ڊي سي گهوٽڪي. ايگريڪلچر ڪاتو گهوٽڪي ۽ ڪاڌ جا ڊيلر ملي پڳت ڪري 37 سو واري ڪاڌ جي ٻوري 45 سو ۾ بليڪ تي

وڪرو ڪٿي پئي وڃي جيڪو آبادگارن جو معاشي قتلام آهي. آبادگار هاري ڪاميٽي اڳواڻ ڏاڏو ڍهر چيو آبادگارن هارين کي ڪاڌ بليڪ تي وڪرو ڪٿي پئي وڃي پئي طرف سارين جو اڳهه 8500 سئو مان گهٽائي چار هزار مقرر ڪيو ويو آهي جيڪا آبادگارن هارين سان وڏي دشمني آهي. ايڊوڪيٽ نديم ملانو ڳالهائيندي چيو ته ڪاڌ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ضلع انتظاميا ڊيلرن کان لکين روپيا وٺي ڪلي عام اجازت ڏئي ڇڏي آهي جنهن جي خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ويندي. ٻ ٻ شهيد ڀٽو اڳواڻ وقار بوزدار چيو ته جڏهن به فصل تيار ٿيندا آهن ته انهن جي اڳهه ۾ لاٽ ڪئي ويندي آهي جيئن آبادگارن جو معاشي قتلام ڪري سگهجي. ال پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڪاڌ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو ذميوار ڊي سي گهوٽڪي کي قرار ڏيندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته ڪرپٽ ڊي سي گهوٽڪي کي بنادير هٽائي هٽرادو پاڻ جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 29

پاڻ جاواپاري سرڪاري اگهه تي پاڻ وڪرو ڪرڻ کان آجاخبر موجب بوزدارواڏا شهر ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي جو بليڪ تي وڪرو جاري آهي ڪلروڪرو ڪندڙ واپاري هٿراڏو ڪوٽ ڄاڻائي يوريا 5 هزارروپيا ۽ ڊي اي پي 15 هزارروپيا في ٻوري وڪرو ڪري رهيا آهن مقامي انتظاميا جا ڪامورا ڏيکاءُ خاطر سبزي فروشن ۽ ڪرياني جي دڪانن تي اچي ريٽ لسٽ چيڪ ڪري ڪين شيون ريٽ لسٽ مطابق وڪرو ڪرڻ جا شاهي فرمان جاري ڪن ٿا مگر زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪري مسڪين هارين ۽ ننڍن آبادگارن جو استحصال ڪندڙ واپارين کي مقرر قيمت تي ڪلر وڪرو ڪرڻ جي هدايت توڙي انهن خلاف ڪاروائي نٿا ڪن مقامي انتظاميا جي آفيسرن جي عدم توجهي لاپرواهي سبب مافيا جوروپ ڌاري ويئل واپاري آبادگارن توڙي هارين کي ڦري ۽ لٽي رهيا آهن

بقايا | سنڌيار | 30

ولد علي اڪبر بروهي ۽ لال زادو ولد فتح الرحمان پٺاڻ گرفتار 510 ڪلوگرام گٽڪي جي چورا سپاري جا 53 ٿيلها. آداب گٽڪا جا 10 پيڪٽ) 1000 پڙيون) ۽ واٽر ٽينڪر نمبر TKJ.445هڪ ٽرڪ هٿ ڪري جوابدارن خلاف مڪلي ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا | سنڌيار | 31

سني تحريڪ علام ثروت اعجاز قادري، حافظ محبوب علي سهتو قادري،مفتي حق نبي سڪندري سميت نامور عالمن سڳورن. سياسي سماجي شخصيتن ۽ هزارن جي تعداد ۾ علائقي واسين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مدرسي مان فارغ ٿيل حافظن سڳورن جي دستاربندي ڪئي وئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته پنهنجي اولاد کي ديني تعليم ڏياريو ۽ سندن تربيت بهتر بنائڻ لاءِ عالمن جي صحبت اختيار ڪريو هن چيو ته ملڪ ۾ بک بدحالي سبب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي اسلام مخالف قوتون ملڪ ۾ نظام مصطفي جو قانون نافذ ٿيڻ لاءِ رڪاوٽون بڻيل آهن عوام هميشه سرمائيدارن. وڏيرن ۽ ڪرپشن ڪندڙ ٽولن کي ووٽ ڏئي اسيمبلين ۾ پهچايو ليڪن حڪمرانن ناموس رسالت صه جي تحفظ سميت هر طرح سان ناڪام بڻجي صرف عوام جي رت چوسي آهي مقررين وڌيڪ چيو ته سني تحريڪ واحد ملڪ جي محب وطن ديني ۽ سياسي جماعت آهي جيڪا ملڪ ۾ نظام مصطفي جو قانون نافذ ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ ناموس رسالت صه لاءِ سني تحريڪ جي قائدين جانين جا نظرانا پيش ڪندي شهادتون ماڻيون هنن چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عوام سجاڳ ٿي ۽ چورن لٽڻ جي ٽولن کي ووٽ ڏيڻ بجاءِ سني تحريڪ جو ساٿ ڏيئي ملڪ ۾ عدل انصاف، خوشحالي ۽ ناموس رسالت جي تحفظ لاءِ نظام مصطفي جو قانون رائج ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 32

طلبه پاڪستان زبير حفيظ شيخ. پرنسپال حرا پبلڪ اسڪول افضل وحيد اسڪول جو وائس پرنسپال عبدالحليم ٿيبو اسلامي جمعيت طلبه سکر جو ناظم صهيب شيخ هوا. ان موقعي تي امير جماعت اسلامي سکر ۽ اڳوٺي ناظم اعليٰ اسلامي جميعت طلبه پاڪستان زبير حفيظ شيخ نوجوانن کي خطاب ڪندي چيو ته شاگرد ملڪ جو مستقبل آهن. سياڻي شاگردن کي ملڪ جي قيادت ڪرڻي آهي. اسڪول انتظاميا پاران چونڊيون ڪرائڻ هڪ غير معمولي تربيت آهي جيڪا مستقبل ۾ سٺي قيادت فراهم ڪندي. اهڙيون سرگرميون ٻين اسڪولن ۾ به ٿيڻ گهرجن. ماضي ۾ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ شاگرد تنظيمن ۾ اليڪشنون ٿينديون هيون. پر هڪ ڊڪٽيٽر آيو ۽ اهڙين سرگرمين تي پابندي لڳائي ڇڏي. اسلامي جميعت طلبه هڪ تربيت گاهه آهي جتان اسان تربيت حاصل ڪريون ٿا. جمعيت ۾ اچڻ کان اڳ مون جهڙو نوجوان جيڪو ڏهين ڪلاس پاس ڪيائين سوچيندو ته تعليم حاصل ڪري ورتي ڪاروبار ڪريان. دڪان تي ويهي، بس زندگي اهڙي ئي گذرڻ ڏي. هنن چيو ته ڪاميابي جو تعلق علم سان آهي. هنن چيو ته ڪا به ڪاميابي علم کان سواءِ حاصل نه ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 33

پاران ٽيبلوز پيش ڪيا ويا ته شاگردن ۽ استادن کين ڀرپور داد ڏنو جڏهن ته اسڪول ۾ رکيل ثقافتي پروگرام ۾ شاگرديائين پاران تعليم جو فقدان جي عنوان سان خاڪا پڻ پيش ڪيا ويا. شاگردن طرفان رکيل تقريري سلسلي ۾ شاگرديائي جنت بي بي ثقافت کاتي جي حوالي سان زبردست تقرير ڪري ثقافت کي اجاگر ڪيو ثقافت جي حوالي سان رکيل پروگرام ۾ نالي واري فنڪار ڪريم ڪچي پاران ڳايل سنڌ جو جمالو تي شاگردن پاران جهمريون پايون ويون اسڪول ۾ رکيل ثقافتي پروگرام ۾ مهمان خاص ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي ايوان جي صحافين لالا هارون گوپانگ شفيع محمد جوڻيجو غلام مصطفي جمالي. علي محمد شاهاڻي علي احمد ميمڻ غلام حسين چارڙو استادن مبين ملاح عبدالرحمان ڪٽي وقار حنيف ملاح پڻ شرڪت ڪري ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪئي

بقايا | سنڌيار | 34

قريشي هو پروگرام ۾ ثقافت کاتي پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم سولنگي پڻ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ بدين سميت مختلف علائقن کان آيل سگهڙن مهر علي جمالي عبدالقيوم راهو اشرف چانڊيو مير بليدي غلام رسول مزاري ۽ ٻين. پاران مختلف شاعرن جي شاعري ٻڌائي وئي ۽ ٽڙبيت جي سگهڙ پيار علي جمالي. به سانوڻ فقير جا ٽڙبيت پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي جڏهن ته. فنڪارن ۾ استاد الهڏنو جوڻيجو استاد بادل راهي پرير پياسي اڪبر علي شاهه ڪريم ڪچي ۽ ٻين ڪيترن ئي فنڪارن سر وڪيري پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن کي جهومائي ڇڏيو راڳ رنگ جي محفل ۾ ثقافت. سنڌ طرفان ڏنل ايوارڊ لاڙ ثقافت آرٽس ڪائونسل ضلعي بدين جي صدر ميڊم شهناز راهو پاران ايوان صحافت بدين جي صدر سينئر صحافي لالا هارون گوپانگ ۽ سينئر صحافي غلام مصطفي جمالي کي به ايوارڊ ڏنا ويا ان موقعي تي اڳوٺي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي کي به ايوارڊ ڏنا ويا رات دير تائين هلندڙ پروگرام راڳ رنگ جي محفل مان شهري لطف اندوز ٿيندا رهيا آخر ۾ لاڙ ثقافت آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري عبدالستار جوکيو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا | سنڌيار | 35

قريشي هو پروگرام ۾ ثقافت کاتي پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم سولنگي پڻ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ بدين سميت مختلف علائقن کان آيل سگهڙن مهر علي جمالي عبدالقيوم راهو اشرف چانڊيو مير بليدي غلام رسول مزاري ۽ ٻين. پاران مختلف شاعرن جي شاعري ٻڌائي وئي ۽ ٽڙبيت جي سگهڙ پيار علي جمالي. به سانوڻ فقير جا ٽڙبيت پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي جڏهن ته. فنڪارن ۾ استاد الهڏنو جوڻيجو استاد بادل راهي پرير پياسي اڪبر علي شاهه ڪريم ڪچي ۽ ٻين ڪيترن ئي فنڪارن سر وڪيري پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن کي جهومائي ڇڏيو راڳ رنگ جي محفل ۾ ثقافت. سنڌ طرفان ڏنل ايوارڊ لاڙ ثقافت آرٽس

ڪائونسل ضلعي بدين جي صدر ميڊم شهناز راهو پاران ايوان صحافت بدين جي صدر سينئر صحافي لالا هارون گوپانگ ۽ سينئر صحافي غلام مصطفي جمالي کي به ايوارڊ ڏنا ويا ان موقعي تي اڳوٺي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي کي به ايوارڊ ڏنا ويا رات دير تائين هلندڙ پروگرام راڳ رنگ جي محفل مان شهري لطف اندوز ٿيندا رهيا آخر ۾ لاڙ ثقافت آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري عبدالستار جوکيو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا | سنڌيار | 36

ڊي سي بدين ڪاب ڪاروائي نه ڪئي آبادگار چيٽ جا فصل پوکڻ لاءِ پريشان خبر موجب ڪيڻ شهر ۽ ڀر پاسي واري علائقن جن ۾ ولهاري سيارسي ستياري صوفي جودڪو ۽ ٻين علائقن ۾ چيٽ جا فصل جن ۾ ڪڻڪ آهريو توريو سورج مکي ۽ ٻين فصلن جي پوکي شروع ٿيندي ٿي پاڻ جي واپارين بليڪ مارڪيٽنگ شروع ڪري ڇڏي شهر ۾ پاڻ جي ڊيلرن زبير مرتضا ڪاشف ميمڻ ڪنيا لعل اختر خواجا ڪاشف خواجا فضل خواجا شفقت خواجا دولت رام وٽ لائيسنس هئڻ جو فائدو وٺندي سرڪاري اگهه تي پاڻ خريد ڪري پنهنجي من پسند ريٽ سان وڪرو ڪرڻ لڳا جن ۾ يوريا 37 سو واري 5300 ڊي اي پي 13900 واري 16000 هزار ۾ وڪڻڻ لڳا چيٽ جي فصل جي پوکي بابت آبادگارن نظير سردار اعجاز ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو پاڻ جي واپارين جا پاڻ جا ريٽ ڳاٽي ٽوڙ هئڻ ڪري اسان چيٽ جا فصل نٿا پوکي سگهون اسان جون ذرخيز زمينون بنجر ٿي رهيون آهن هن وڌيڪ چيو جڏهن اسان جا فصل لهي مارڪيٽ ۾ اچن ٿا تڏهن اسان کان پڳڙن جي مٺ تي خريد ڪيا وڃن ٿا جنهن سان اسان جو فصلن تي ڪيل خرچو به نٿو نڪري هن ڊي سي بدين اي سي بدين کان مطالبو ڪيو بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي چيٽ جي فصلن جي ٿيندڙ پوکي کان متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 37

۽ مفت ۾ دوائون ڏنيون ڪئمپ صبح جو 9 وڳي کان شروع ٿي جيڪا شام جو پنجين وڳي تائين جاري رهي : ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد صادق سيال نيشنل پريسڪلب مورو جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي بک ۽ بدحالي جي ڪري معصوم ٻارڙن تي بيمارين حملو ڪيو آهي ٻارڙا نمونيا مليريا خارش قد جو نه وڌڻ پيشاب جو بند هجڻ ; پيٽ جي بيمارين جهٽڪن جي بيمارين ۾ مبتلا هئا هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ سبب غريب بيمارين ۾ جڪڙجي ويا آها; هورن مورو جي ٻاهرين شهرن ۽ ملڪن ۾ رهندڙ ڊاڪٽرن کي اپيل ڪئي ته خدارا پنهنجي شهر مورو جي مسڪين مارولڙن جي مدد ڪريو هتي فري ڪئمپون قائم ڪيو: هن وڌيڪ چيو ته حڪومت کي گهرجي ته دوائن جو قيمتون گهٽ ڪري ۽ ڊرگ انسپيڪٽرن کي گهرجي ته ميڊيڪل اسٽورن تي وڌيڪ اگهه تي وڪرو ٿيندڙ دوائن جو نوٽيس وٺي اسٽور مالڪن خلاف قدم کڻن: هن ڪئمپ ۾ صحافي استاد علي شير ڏيپر: اسڪول جي HMمحمد اشرف گلاباڻي استاد حفيظ ميمڻ ڪامريڊ محمد اسلم ڪوريجو استاد مشتاق احمد لنڊ سائين نصرالله ميمڻ احسن علي برڙو صحافي تيمور احمد راجپوت شيراز علي ڏيپر محمد حيات جويو معشوق علي ڪوريجو والنٽيئر جا فرض سر انجام ڏنا

بقايا | سنڌيار | 38

مختلف اسڪول جي شاگردن وڏي انگ ۾ حصو ورتو ان پروگرام ۾ مختلف قسمن جا رنگ هيا جنهن ۾ مقابلو ۾ تقرير وائي، شاعري ۽ شاهه لطيف جي وائي شامل هيا مختلف شاگردن مختلف مقابلن ۾ حصو وٺي ڏسندڙ کي پنهنجي فن سان لطف اندوز ڪيو هن پروگرام ۾ بدين ضلعي جي مختلف تعليمدانن لطيف جي زندگيءَ ۽ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي تي پنهنجا خيال ونڊيا جنهن ۾ ڊاڪٽر طفيل چانڊيو، پروفيسر عبدالله ملاح، سائين خادم ٽالپر، سائين ڪليم الله، سائين جميل ميمڻ، سائين جاني طفيل، سائين عمران، ايڊووڪيٽ امير آزاد پنهور، دانش نور، موجود هيا پوزيشنس حاصل ڪندڙ شاگردن کي سنڌس حوصلا افزائي انعام پڻ ڏنا ويا ان موقع تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر طفيل چيو ته بيسو بدين جي شاگردن جي لئي آرگنائيزيشن آهي جيڪا گذريل ڪجهه سالن کان هن قسم جا پروگرام ڪرائي شاگردن کي سندن لڪيل ٽيلنٽ نروار ڪرڻ لاءِ بهترين پليٽ فارم مهيا ڪري رهي آهي - سندن اهو ڪم پوري ضلعي بدين لاءِ اعزاز آهي . سر عبدالله ملاح صاحب چيو ته بيسو ٽيم اهڙو ايونٽ شاگردن لاءِ مقابلي کان وڌيڪ سکڻ جو هڪ بهترين پليٽ فارم مهيا ڪري رهي آهي جتي شاگرد پرفارم ڪري هو پنهنجي ڪمزور ۽ سگهاري پاسن کان واقف ٿين ٿا. بدين جو سياسي ڪردار ۽ بهترين ليڪ خادم ٽالپر چيو ته هنن نوجوانن پاران تعليمي پروگرامن ذريعي قوم جو مستقبل سنوارڻ وارو هي جذبو ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿئي ٿي ۽ دلي سڪون ملي ٿو بيسو جي صدر قمرالدين سومري چيو ته اسين مشڪور آهيان سين استادن. مهمانن ۽ شاگرد سائين. والدين. صحافي دوستن جو جن پنهنجو قيمتي وقت اسان کي ڏيئي اسان جي پروگرام کي ڪامياب ڪيو هن چيو ته بيسو هر وقت هڪ نئين ايونٽ سان گڏ سڄي سال ۾ مختلف ڏهاڙن تي تعليمي پروگرام ڪرائيندي رهي ٿي. اسان جا اهڙا پروگرام ڪرائڻ جو مقصد صرف بدين جي شاگردن کي سندن حقيقي ٽيلينٽ ظاهر ڪرڻ لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ آهي جيئن اهي شاگرد اهو پليٽ فارم استعمال ڪري اڳيان نڪري سگهن پوري ملڪ ۾ بدين جو نالو روشن ڪري سگهن ان ايونٽ کي حقيقتي روپ ڏيڻ لاءِ آيون پڻ مشڪور آهيان پنهنجي ٽيم جي سائين جو جن مونسان هر قدم تي ساٿ ڏيئي اڄ جهون ڪامياب پروگرام بدين ۾ ڪيوسين آها لاٽ سداپين پرندي رهندي پروگرام جي آخر ۾ آيل تمام مهمان ۽ مختلف اسڪولن کان آيل پرنسپالز نيشنل پريس ڪلب جي صحافين کي

اعزاز طور شيلڊ ڪتاب ۽ اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا

بقايا | سنڌيار | 39

لڳ بوٽو لڳائي گرين بيلٽ جو افتتاح ڪيو جنهن بعد انڪروچمينٽ .ڊرينج سسٽم سميت ٻين علائقائي مسئلن جي حوالي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صفوران ٽائون نئون ناهيو ويو آهي جنهن ۾ اجا تائين اسان کي ويهي ڪاروهنر هلائڻ لاءِ آفس ته ناهي جڏهن ته انفرا اسٽرڪچر جي سڌاري لاءِ مشينري به خراب حالت واري ڏني وئي آهي اسانکي اپاهج حالت ۾ ٽائون مليو آهي تنهن جي باوجود به ڇهن سالن جي عرصي دوران ٽائون ۾ مثال ڪم ڪرايا ويندا هن وڌيڪ چيو ته بنا ڪنهن فرق جي جي چونڊيل نمائندن ۽ ڪائونسل ميمبرن جي مشاورت سان ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي جي نمائندن طرفان روڊ جي ڦٽ پاٿن تان ڪچرو هٽائي گرين بيلٽ لڳائڻ بهترين عمل آهي اسان جي به اها ڪوشش ڪئي ته سمورن علائقن ۾ گرين بيلٽ قائم ڪيو وڃي جنهن سان خوبصورتي سان گڏ آلودگي جو به خاتمو ٿيندو ان موقعي تي يوسي 2 جي نمائندن طرفان مين فاري ۽ يونيورسٽي روڊ جي ڪليل حالت ۾ ماڻهن لاءِ موت جو پرانو بڻيل ڊرينج نالن جي صفائي ۽ سڌاري لاءِ ڪي ايم سي سميت واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي ڪري مسئلو حل ڪري ڏنو وڃي جنهن جي ٽائون چيئرمين خاطري ڪرائيندي آفيسرن کي لکپڙهه ميٽنگ جو يقين ڏيارو

بقايا | سنڌيار | 40

ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ شرڪت، آءِ ايل ايف جي سنيئر اڳواڻ ممتاز گوپانگ، شهزاد خٽڪ، ميڊيم مهه جبين ۽ ٻين پاران وفد جي آجيان. رپورٽ موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ صدارتي اميدوار ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ عبدالوهاب بلوچ جي حمايت ۾ وفد پاران محمد ابراهيم پاهي جي اڳوائي ۾ وڪيل علي اڪبر لاکو، جوائنٽ سيڪريٽري آءِ ايل ايف عبدالغفور پيرزاده، نويد الله ايم پي ۽ ٻين پاران اليڪشن ۾ ڪئمپ تي پهچي سنيئر وڪيلن سان ملاقات ڪري سنڌ جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ پارٽي توڙي تنظيم جي انتظامي ماهرن توڙي ميمبرسازي وڌائڻ جي لاءِ ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي آءِ ايل ايف جي اڳوائي جنرل سيڪريٽري سينيئر اڳواڻ ممتاز گوپانگ آيل وفد کي پارٽي جي سرگرمين کان آگاهه ڪيو. ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري آءِ ايل ايف محمد ابراهيم پاهي چيو ته ڪراچي ۾ اليڪشن سرگرمي ۾ حصو وٺڻ مثبت عمل آهي ۽ پارٽي جي مضبوط ميمبر سازي جي حوالي سان دوستن سان ملاقاتون جاري رهنديون ۽ عمران خان جي پيغام کي وڪيل دوستن تائين پهچائڻ لاءِ دورا جاري رهندا ۽ ان صوبائي توڙي مرڪزي قيادت کي سرگرمين کان آگاهه ڪيو ويندو. محمد ابراهيم پاهي چيو ته ڪراچي سنڌ جو حب آهي ۽ هتان صوبائي سطح تي پارٽي کي منظم ڪرڻ توڙي متحد ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا ويندا هن چيو ته کٽڻ توڙي هارائڻ اليڪشن جو حصو آهي ۽ اميد ڪيون ٿا ته نئين آيل باڊي وڪيلن جي ڀلاءِ ۽ بهبود لاءِ قدم کڻندي ۽ دوستن کي گڏ ڪٺي هلندي. دوري دوران آءِ ايل ايف حيدرآباد جي وفد حي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيل جنرل سيڪريٽري سرفراز علي ميتلو کي مبارڪون پڻ ڏنيون.

بقايا | سنڌيار | 41

سني تحريڪ علام ثروت اعجاز قادري، حافظ محبوب علي سهتو قادري،مفتي حق نبي سڪندري سميت نامور عالمن سڳورن. سياسي سماجي شخصيتن ۽ هزارن جي تعداد ۾ علائقي واسين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مدرسي مان فارغ ٿيل حافظن سڳورن جي دستاربندي ڪئي وئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته پنهنجي اولاد کي ديني تعليم ڏياريو ۽ سندن تربيت بهتر بنائڻ لاءِ عالمن جي صحبت اختيار ڪريو هن چيو ته ملڪ ۾ بک بدحالي سبب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي اسلام مخالف قوتون ملڪ ۾ نظام مصطفي جو قانون نافذ ٿيڻ لاءِ رڪاوٽون بڻيل آهن عوام هميشه سرمائيدارن. وڏيرن ۽ ڪرپشن ڪندڙ ٽولن کي ووٽ ڏئي اسيمبلين ۾ پهچايو ليڪن حڪمرانن ناموس رسالت صه جي تحفظ سميت هر طرح سان ناڪام بڻجي صرف عوام جي رت چوسي آهي مقررين وڌيڪ چيو ته سني تحريڪ واحد ملڪ جي محب وطن ديني ۽ سياسي جماعت آهي جيڪا ملڪ ۾ نظام مصطفي جو قانون نافذ ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ ناموس رسالت صه لاءِ سني تحريڪ جي قائدين جانين جا نظرانا پيش ڪندي شهادتون ماڻيون هنن چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عوام سجاڳ ٿي ۽ چورن لٽڻ جي ٽولن کي ووٽ ڏيڻ بجاءِ سني تحريڪ جو ساٿ ڏيئي ملڪ ۾ عدل انصاف، خوشحالي ۽ ناموس رسالت جي تحفظ لاءِ نظام مصطفي جو قانون رائج ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 42

ان سلسلي ۾ 12 ڏينهن اڳ 15 نومبر تي اسٽيل ٽائون ٿاڻي تان پراسرار نموني گم ٿي ويل پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جي ڀاءُ سيد غلام مصطفي شاهه پاران هاءِ ڪورٽ سنڌ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل ڪرائيندي ڄاڻايو آهي ته 12 ڏينهن اڳ 15 نومبر تي سندس ڀاءُ سيد نظر محمد شاهه کيس فون ڪري ٻڌايو ته اسٽيل ٽائون ٿاڻي ڪراچي تي DSP آفيس ۾ سائس سول ماڻهن جهيڙو ڪيو آهي، جنهن بعد سندس فون بند ٿي ويئي، جنهن بعد سائس ڪو رابطو ناهي ٿيو. 16 نومبر تي آءِ اسٽيل ٽائون ٿاڻي ڪراچي تي پنهنجي ڀاءُ جي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ DSP ۽ SHO اسٽيل ٽائون ڪراچي سان ملاقات ڪري ڪاڻش ڄاڻ ورتي، جن ٻڌايو ته نظر محمد شاهه کي DSP شاهنواز ميمڻ ڪنهن انڪوائري لاءِ گهرايو. جتي موجود علي سيال ۽ ان جي پٽ سان منهن ماري ٿي هئي، جنهن بعد سيد نظر محمد شاهه DSP آفيس مان ٻاهر نڪري ويو، پوءِ ڪين ڪاٻ خبر ناهي. توهان ASIسردار علي گجر سان وڃي ملو اهو توهانکي ڄاڻ ڏيندو. پر هن به منهنجي ڀاءُ کان لاتعلقي ڪندي چيو ته ڪيس سندس ڀاءُ جي گم ٿيڻ جي خبر ناهي. توهان پاڻ وڃي ڳوليو هن ڄاڻايو آهي ته پوليس کي سڀ خبر هوندي به بي خبر بڻيل آهي. جن وٽان منهنجو ڀاءُ گم ٿيو آهي. هن عدالت کي التجا ڪئي ته سائس انصاف ڪري گم ٿي ويل سندس ڀاءُ جي ڳولا ۾ پوليس کي پابند بنايو وڃي. جن وٽان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي. عدالت ڊي ايس پي، ايس ايچ او ۽ اي ايس آءِ اسٽيل ٽائون ڪراچي کي نوٽيس جاري ڪندي عدالت ۾ جواب لاءِ طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا | سنڌيار | 43

لڳ بوٽو لڳائي گرين بيلٽ جو افتتاح ڪيو جنهن بعد انڪروچمينٽ .ڊرينج سسٽم سميت ٻين علائقائي مسئلن جي حوالي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صفوران ٽائون نئون ناهيو ويو آهي جنهن ۾ اجا تائين اسان کي ويهي ڪاروهنر هلائڻ لاءِ آفس ته ناهي جڏهن ته انفرا اسٽرڪچر جي سڌاري لاءِ مشينري به خراب حالت واري ڏني وئي آهي اسانکي اپاهج حالت ۾ ٽائون مليو آهي تنهن جي باوجود به ڇهن سالن جي عرصي دوران ٽائون ۾ مثال ڪم ڪرايا ويندا هن وڌيڪ چيو ته بنا ڪنهن فرق جي جي چونڊيل نمائندن ۽ ڪائونسل ميمبرن جي مشاورت سان ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي جي نمائندن طرفان روڊ جي ڦٽ پاٿن تان ڪچرو هٽائي گرين بيلٽ لڳائڻ بهترين عمل آهي اسان جي به اها ڪوشش ڪئي ته سمورن علائقن ۾ گرين بيلٽ قائم ڪيو وڃي جنهن سان خوبصورتي سان گڏ آلودگي جو به خاتمو ٿيندو ان موقعي تي يوسي 2 جي نمائندن طرفان مين فاري ۽ يونيورسٽي روڊ جي ڪليل حالت ۾ ماڻهن لاءِ موت جو پرانو بڻيل ڊرينج نالن جي صفائي ۽ سڌاري لاءِ ڪي ايم سي سميت واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي ڪري مسئلو حل ڪري ڏنو وڃي جنهن جي ٽائون چيئرمين خاطري ڪرائيندي آفيسرن کي لکپڙهه ميٽنگ جو يقين ڏيارو

بقايا | سنڌيار | 44

ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ شرڪت، آءِ ايل ايف جي سنيئر اڳواڻ ممتاز گوپانگ، شهزاد خٽڪ، ميڊيم مهه جبين ۽ ٻين پاران وفد جي آجيان. رپورٽ موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ صدارتي اميدوار ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ عبدالوهاب بلوچ جي حمايت ۾ وفد پاران محمد ابراهيم پاهي جي اڳوائي ۾ وڪيل علي اڪبر لاکو، جوائنٽ سيڪريٽري آءِ ايل ايف عبدالغفور پيرزاده، نويد الله ايم پي ۽ ٻين پاران اليڪشن ۾ ڪئمپ تي پهچي سنيئر وڪيلن سان ملاقات ڪري سنڌ جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ پارٽي توڙي تنظيم جي انتظامي ماهرن توڙي ميمبرسازي وڌائڻ جي لاءِ ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي آءِ ايل ايف جي اڳوائي جنرل سيڪريٽري سينيئر اڳواڻ ممتاز گوپانگ آيل وفد کي پارٽي جي سرگرمين کان آگاهه ڪيو. ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري آءِ ايل ايف محمد ابراهيم پاهي چيو ته ڪراچي ۾ اليڪشن سرگرمي ۾ حصو وٺڻ مثبت عمل آهي ۽ پارٽي جي مضبوط ميمبر سازي جي حوالي سان دوستن سان ملاقاتون جاري رهنديون ۽ عمران خان جي پيغام کي وڪيل دوستن تائين پهچائڻ لاءِ دورا جاري رهندا ۽ ان صوبائي توڙي مرڪزي قيادت کي سرگرمين کان آگاهه ڪيو ويندو. محمد ابراهيم پاهي چيو ته ڪراچي سنڌ جو حب آهي ۽ هتان صوبائي سطح تي پارٽي کي منظم ڪرڻ توڙي متحد ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا ويندا هن چيو ته کٽڻ توڙي هارائڻ اليڪشن جو حصو آهي ۽ اميد ڪيون ٿا ته نئين آيل باڊي وڪيلن جي ڀلاءِ ۽ بهبود لاءِ قدم کڻندي ۽ دوستن کي گڏ ڪٺي هلندي. دوري دوران آءِ ايل ايف حيدرآباد جي وفد حي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيل جنرل سيڪريٽري سرفراز علي ميتلو کي مبارڪون پڻ ڏنيون.

بقايا | سنڌيار | 45

موجب: ڀيرلوءِ لڳ ڪرم آباد موٽر وي پوليس جي آفيس لڳ قومي شاهراهه تي ڪراچي کان اينڊڙ ٽن بسن ۽ هڪ ٽرڪ جو ڏنڊ سبب خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ چار مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا. ۽ 16 مسافر سخت زخمي. جن مان 6 ڄڻن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃين. فوتين ۽ زخمين کي لوڪل ماڻهن ۽ پوليس جي مدد سان سول اسپتال خيرپور پهچايو وي. فوت ٿيلن ۾ 2 معصوم ٻار محمد عمر ولد امين چاچڙ عمر اٽڪل 2 سال. فيضان ولد محمد شريف عمر اٽڪل 6 سال ۽ مسمات رائي زال امام بخش عمر اٽڪل 65 سال ۽ هڪ ٻي عورت جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي عمر اٽڪل 30 سال فوت ٿي وئي آهي. زخمي مسافرن مان مسمات شازيه زال محمد يوسف، مسمات مهرين ڌيءُ محمد يوسف، ٻيبي شيلان ڌيءُ محمد يوسف، عادل پٽ رياض، شهباز پٽ عنايت، غلام شبير پٽ غلام رسول کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ آئي سي يو جي وارڊ منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻين زخمي مسافرن جي سڃاڻپ. الهجايو پٽ محمد بخش، محمد وسيم پٽ محمد نظير، عدنان پٽ يوسف، نديم پٽ ادريس، محمد عرفان ولد نظير، ساجد ولد راڻو وڪيل، مسمات انيسه زال محمد وسيم، مسمات تنوير ٻيبي زال محمد اصغر، مسمات بانو زال خادم حسين جي نالن سان ٿي آهي. جن جو علاج پڻ خيرپور جي سول اسپتال ۾ جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 46

چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ واٽر ڪارپوريشن جا سمورا آفيسر ۽ ملازم مرحوم جي سموري ڪٽنب سان برابر جا شريڪ آهن. الله تبارڪ تعالي مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ۽ مرحوم جي سمورن سوڳوار پونيئرن کي صبر و جميل جي توفيق عطا فرمائي آمين

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677 | ABC Certified | ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار ادارتي سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com